REG NO. 3833

ABC Certified

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) اربع 14 فيبروري 2024 ع بمطابق 03 شعبان المعظم 1445 ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو:260

شهباز شريف پي ٽي آءِ جي ڪامياب آزاد ميمبرن کي حڪومت ٺاهڻ جي دعوت ڏئي ڇڏي

عام چونڊن کان اڳ مختلف خدشا سامهون اچي رهيا هئا، چيو پئي ويو ته چونڊون ان لاءِ نٿيون ٿي سگهن ته دهشتگردي آهي پر جڏهن سپريم ڪورٽ جو چونڊن جي حوالي سان فيصلو آيو ته سمورا خدشا دفن ٿي ويا: شهباز شريف

چونڊن واري ڏينهن سيڪيورٽي ادارن جيڪو ڪردار ادا ڪيو اهو سڀني جي سامهون آهي، اليڪشن ڪميشن تي به تمام گهڻا الزام لڳايا ويا، چيو پئي ويو ته ڌانڌلي ۽ ليول پلئينگ فيلڊ اهڙي طرح جا الزام لڳايا پئي ويا

پارليامينٽ تي حملو ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيون وڃن، قبرون کوٽڻ جو ڊرامو ڪيو ويو جيڪو سڀني جي سامهون آهي، 35 پنڪچر جو به حساب ٿي ويو سپريم ڪورٽ به چيو آهي ته چونڊن ۾ ڌانڌلي نه ٿي آهي

خميس جي رات تي 12 سيڪڙو رزلٽ اچڻ تي هڪ پاسي کان گوڙ شروع ٿيو، 10 کان 12 سيڪڙو تي راءِ قائم ڪرڻ غير منطقي ۽ غير مناسب ڳالهه هئي، ڌانڌلي جا الزام لڳايا پئي ويا

خواجه سعد رفيق وڏ ماڻهپي جو مظاهرو ڪندي اعتراف ڪندي پنهنجي شڪست ڪي مڃيو، فيصل آباد ۾ راڻا ثناءالله کي شڪست ملي، جيڪڏهن ڌانڌلي ٿي آهي ته اسان جا سينئر اڳواڻ ڪيئن شڪست کائي ويا

لاهور (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي صدر ۽ اڳوڻي وزيراعظم ميان شهباز شريف پي ٽي آءِ جي حمايت يافته ڪامياب آزاد ميمبرن کي حڪومت ٺاهڻ جي دعوت ڏئي ڇڏي آهي. ماڊل ٽائون سيڪريٽريٽ لاهور ۾ ليگي اڳواڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي شهباز شريف چيو ته جيڪڏهن آزاد ميمبر حڪومت ٺاهي سگهن ٿا ته وڏي شوق سان ٺاهين. پي ٽي آءِ اسپانسرڊ آزاد ميمبرن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: نواز ليگ صدر شهباز شريف پريس ڪانفرنس ڪندي

شهباز جو زرداري ۽ بلاول

سان رابطو، ن ليگ جي

حمايت تي ٿورا مڃيائين

لاهور (م ڊ) ن ليگ صدر شهباز شريف اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو آهي. شهباز شريف پنهنجي اڳواڻن سان ٽيليفونڪ رابطي ۾ ن ليگ جي حمايت جي اعلان تي نواز شريف ۽ پنهنجي طرفان ٿورا مڃيا. هن چيو اميد ته گڏجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پ پ جون ليگ جي وزارت عظميٰ جي اميدوار کي ووٽ ڏيڻ ۽ حڪومت جو حصو نه بڻجڻ جو اعلان

اسان کي پاڪستان جو ساٿ ڏيڻو آهي، پاڪستان کي مستحڪم بڻائڻو آهي، پ پ کي وفاق ۾ حڪومت ٺاهڻ جو مينڊيٽ ناهي، اسان کي مينڊيٽ ناهي مليو ته وزارت عظميٰ جو اميدوار ناهيان: بلاول ڀٽو زرداري

اسان فيصلو ڪيو آهي ته ان پوزيشن ۾ ناهيون ته وفاقي حڪومت جو حصو بڻجون، اسان وفاقي حڪومت ۾ وزارتون نه وٺنداسين پر ن ليگ جي وزارت عظميٰ جي اميدوار کي ووٽ ڏينداسين

اسان 18 مهينا ن ليگ جي حڪومت جو حصو رهياسين، جنهن ۾ پارٽي کي شڪايتون ٿيون پر چاهيون ٿا ته حڪومت سازي جلد مڪمل ٿئي ۽ ملڪ بحران مان نڪري، نٿا چاهيون ته ملڪ هڪ ڀي اليڪشن ڏانهن وڃي

عوام وڏيڪ سياسي عدم استحڪام نٿو چاهي، سي اي سي ميمبرن ن ليگ جي حوالي سان ڪيترائي اعتراض اٿاريا، 18 مهينن ۾ اسان جا ڪم نه ٿيا، چونڊن جي نتيجن کي احتجاج سان گڏ قبول ڪنداسين

ملڪ ۾ هن وقت هڪ ٻاهه ٻريل آهي، خواهش آهي ته آصف زرداري صدر بڻجي ۽ ان ٻاهه کي وسائي، پ پ سينيٽ چيئرمين، صدر ۽ اسپيڪر لاءِ اميدوار بيهاريندي: پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (م ڊ) پ پ اعلان ڪيو آهي ته ن ليگ جي وزارت عظميٰ جي اميدوار کي ووٽ ڏينداسين پر وزارتون نه وٺنداسين. پ پ جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اجلاس کانپوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ٻن ڏينهن جو اجلاس اڄ ختم ٿيو اسان کي پاڪستان جو ساٿ ڏيڻو آهي، پاڪستان کي مستحڪم بڻائڻو آهي. هن چيو ته پ پ کي وفاق ۾ حڪومت ٺاهڻ جو مينڊيٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پريس ڪانفرنس ڪندي

پ پ طرفان اسان جي سپورٽ سٺو سنئوڻ آهي: مريم اورنگزيب

پيپلز پارٽي اسان کي ان معاملي تي باضابطا طور ٻڌائيندي

اسان پنهنجي مشاورت مڪمل ڪري باضابطا اعلان ڪنداسين

لاهور (م ڊ) ن ليگ پ پ طرفان وزارت عظميٰ جي اميدوار کي ووٽ ڏيڻ جي اعلان جي ظاهري طور آجيان ڪئي آهي. ن ليگ ترجمان مريم اورنگزيب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پي ٽي آءِ جو وفاق ۽ پنجاب ۾ ايم ڊبليو ايم، ڪي پي ڪي ۾ جماعت اسلامي سان حڪومت ٺاهڻ جو فيصلو

اسان ننڍين پارٽين سان ملي حڪومت ٺاهينداسين ۽ 99 سيڪڙو اميدوار اسان سان گڏ آهن: بئريسٽر گوهر

اسان جي ماڻهن کي 20 کان 25 ڪروڙ روپيه آفر ڏني پئي وڃي، انهن جي خريد ۽ وڪرو آئين جي ڀڃڪڙي آهي

عوام کي پيغام ڏنو ويو ته خان صاحب ڏکيي وقت جي لاءِ جيل وڃي چڪو آهي اوهان ڪنهن ٻئي پارٽي کي ووٽ ڏيو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف وفاق ۽ پنجاب ۾ ايم ڊبليو ايم جڏهن ته خيبرپختونخواهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

آءِ ايم ايف صنعتي شعبي لاءِ

بجلي ٽيرف گهٽائڻ جو پلان رد

ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) آءِ ايم ايف صنعتي شعبي لاءِ بجلي ٽيرف گهٽ ڪرڻ جو پلان رد ڪري ڇڏيو ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: پ پ اڳواڻ مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پير پاڳاري کي جي ڊي اي استعمال ڪيو، پريس ڪانفرنس تي افسوس ٿيو: مراد علي شاهه

ايم ڪيو ايم کي پنهنجو مزاج ٿورو تبديل ڪرڻو پوندو، ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي ٻولي مناسب نه هئي

هي چونڊون آسان نه هيون، ماڻهن جو خيال آهي ته سنڌ ۾ آساني سان چونڊون ٿيون، اسان 5 سالن کان تياري ڪري رهيا هئاسين

جي ڊي اي پير پاڳاري سان ڪوڙ ڳالهايو، پير پاڳاري کي زميني حقيقتون نه ٻڌايون ويون، پير پاڳارو پنهنجا دوست تبديل ڪري

اسلام آباد (م ڊ) پ پ اڳواڻ مراد علي شاهه چيو آهي ته ايم ڪيو ايم کي پنهنجو مزاج ٿورو تبديل ڪرڻو پوندو، ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي ٻولي مناسب نه هئي، جڏهن ته پ پ اهو ئي فيصلو ڪندي، جيڪو ملڪ جي مفاد ۾ هوندو اسلام آباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پراڻا سياسي رانديگر ٻيهر پيرو قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ پهتا

سياست ۾ سرگرم رهندڙ لطيف کوسا، مريم نواز، عون چوڌري، عطا تارڙ چونڊجي ويا

حافظ فرحت عباس، فرخ جاويد مون ۽ مصباح واجد به ٻيهرين ڀيرو ايم پي اي چونڊجيو

لاهور (م ڊ) ڪيترائي نوان چهرا عوامي خدمت جو جذبو کڻي ٻيهرين ڀيرو اسيمبلي جا ميمبر چونڊجي ويا آهن. سياسي جنگ ۾ مصروف مريم نوازجي آواز ٻيهرين ڀيرو اسيمبلي ۾ گونجندي، اڳوڻو گورنر لطيف کوسو قانون جو ماهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

زرداري جو فرزند موروثي

سياست زنده رکڻ جي ڪوشش

ڪري رهيو آهي: پي ٽي آءِ

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف ترجمان چيو آهي ته زرداري جو پٽ پنهنجي خانداني ۽ موروثي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عدالت ايف آءِ اي کي عليما خان کي هراسان ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

ايف آءِ اي وٽ اهڙو ڪو به مواد ناهي، جيڪو سائبر ڪرائم جو بنياد هجي: وڪيل

ايف آءِ اي وٽ موجود شڪايت يا انڪوائري جي رپورٽ عليما خان کي فراهم ڪئي وڃي: عدالت

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ايف آءِ اي کي پي ٽي آءِ باني جي ڀيڻ عليما خان کي هراسان ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق پي ٽي آءِ باني جي ڀيڻ عليما خان کي ايف آءِ اي جي نوٽيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

تازو چونڊيل ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو لاڏاڻو ڪري ويو

انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو لاڳيتو ڪينسر جهڙي موذي مرض سان جنگ ڪري رهيو هيو

عبدالعزيز جوڻيجو ڪافي وقت کان آغا خان اسپتال ڪراچي ۾ ڪينسر سبب علاج ڪرائي رهيو هو

عبدالعزيز جوڻيجو جي وفات تي خيرپورناٿن شاهه ۽ مختلف شهرن ۾ هن وقت ڏک جي لهر ڇانئجي وئي

خيرپورناٿن شاهه (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جو اڳوڻو ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي. انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو لاڳيتو ڪينسر جهڙي موذي مرض سان جنگ ڪري رهيو هيو. اڳوڻو ايم پي اي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

جماعت اسلامي کي پي اسيمبلي جون وڌيڪ ٻه سيٽون هارائي وئي

پي ڪي 20 ۽ پي ڪي 21 سرڪاري نتيجي موجب ڪاميابي شڪست ۾ تبديل

سرڪاري نتيجي کان پوءِ جماعت اسلامي جي ايندڙ اسيمبلي ۾ نمائندگي ختم ٿي وئي

پشاور (م ڊ) جماعت اسلامي خيبر پختونخواهه اسيمبلي جون وڌيڪ ٻه سيٽون هارائي وئي، جنهن کانپوءِ ايندڙ اسيمبلي ۾ ان جي نمائندگي ختم ٿي وئي. باجوڙ مان کي پي اسيمبلي جي تڪ پي ڪي 21 جي سرڪاري نتيجي موجب ڪامياب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

عمران خان علي امين گنڊاپور کي خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير مقرر ڪري ڇڏيو

نواز ليگ، پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم سان ڪوبه اتحاد نه ٿيندو، ٻين سان ڳالهين جي هدايت ڪئي آهي: عمران خان

جن کي وٺي آيا آهن اهي سڀني کان وڏا مني لانڊر آهن، خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير علي امين گنڊاپور هوندو

چونڊن سان ملڪ ۾ معاشي استحڪام ايندو آهي پر 8 فيبروري تي ٿيل ڌانڌلي سان ملڪ ۾ معاشي عدم استحڪام ايندو

راولپنڊي (م ڊ) پي ٽي آءِ باني عمران خان علي امين گنڊا پور کي خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير مقرر ڪري ڇڏيو اڊيالا جيل ۾ صحافين سان غير رسمي ڳالهيون ڪندي عمران خان چيو ته مسلم ليگ (ن)، پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

چونڊن کانپوءِ مسئلن کي قانوني طريقي سان حل ڪيو وڃي: انتونيو گوتريس

ڪنهن به اهڙي ڪارروائي کان پاسو ڪيو وڃي، جيڪا ڇڪتاڻ جو سبب بڻجي

انساني حقن، قانون جي حڪمراني لاءِ عوام جي مفاد جو مڪمل احترام ڪيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) چونڊن کانپوءِ جي صورتحال تي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس پاڪستاني اختيارين سان رابطو ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

آزاد اميدوارن کي نواز ليگ ۾ شامل ڪرڻ غلط آهي: مفتاح اسماعيل

اسان کي بهتر مستقبل لاءِ اڳتي وڌڻ جو رستو ڳولڻ جي ضرورت آهي

سڀني اسٽيڪ هولڊرن کي عوام جي مينڊيٽ جو احترام ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (م ڊ) اڳوڻي ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي آزاد اميدوارن کي ن ليگ ۾ شامل ڪرڻ غلط آهي. ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ مفتاح اسماعيل چيو ته اسان کي بهتر مستقبل لاءِ اڳتي وڌڻ جو رستو ڳولڻ جي ضرورت آهي، سڀني اسٽيڪ هولڊرن کي تسليم ڪرڻو پوندو ته اسان کي عوام جي مينڊيٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

هر پارٽي جا پنهنجا مقصد آهن، اتحادي حڪومت ٺاهڻ ڪو آسان ڪم ناهي: خواجا آصف

اتحادي حڪومت ۾ بارگيننگ جاري رهندي آهي، ان لاءِ وڏيون وزارتون استعمال ڪيون وينديون

هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته جيڪا به حڪومت ٺهي اها مستحڪم هجي

اسلام آباد (م ڊ) نواز ليگ اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير خواجا آصف چيو آهي ته هر پارٽي جا پنهنجا مقصد آهن، اتحادي حڪومت ٺاهڻ ڪو آسان ڪم ناهي، ان موقعي تي اتحادي حڪومت ۾ بارگيننگ جاري رهندي آهي، ان لاءِ وڏيون وزارتون استعمال ڪيون وينديون، هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته جيڪا به حڪومت ٺهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: نگران پرڏيهي وزير گوهر اعجاز اجلاس جي صدارت ڪندي

بلوچ شاگردن جي بازيابي جو ڪيس: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نگران وزيراعظم کي طلب ڪري ورتو

منهنجي مهرباني آهي جو مان ٻنهي ڊي جيز کي نه پيو گهرايان، نگران وزيراعظم سومر تي 10 وڳي پاڻ پيش ٿئي: جسٽس محسن اختر

جبري گمشدگي لاءِ موت جي سزا هجڻ گهرجي، جبري گمشدگين ۾ ملوث ماڻهن کي 2 ڀيرا موت جي سزا ملڻ گهرجي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بلوچ شاگردن جي بازياب نه ٿيڻ جي ڪيس ۾ نگران وزيراعظم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڀارت ۾ جيڪو مسلمانن سان ٿئي پيو، اهو هتي ڪاپي ڪرڻ چاهيون ٿا؟: چيف جسٽس

رپورٽ ڏسڻ کانپوءِ مون کي شرمندگي ٿي رهي آهي، اسلاموفوبيا جا دهل وڄايون ٿا، اسان پاڻ هتي ڇا ڪري رهيا

پوليس پنهنجي اکين آڏو سڀ ڪجهه سڙندي ڏٺو؟ جڙانوالا ۾ بهادر پوليس بيهي تماشو ڏسندي رهي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جڙانوالا سانحي بابت پنجاب حڪومت جي رپورٽ رد ڪري ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پيٽروليم شين مهانگيون ڪرڻ جون تياريون

ڊيزل 7 روپيه 50 پئسا في ليٽر مهانگو ٿيڻ جو امڪان

لائٽ ڊيزل آئل 2 روپيه 82 پئسا في ليٽر مهانگو ٿي سگهي ٿو

اسلام آباد (م ڊ) نئين حڪومت اچڻ کان اڳ پيٽروليم شين مهانگيون ڪرڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن. ذريعن موجب ڊيزل 7 روپيه 50 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

نوازشريف کي اخلاقي طور وزيراعظم جو اميدوار نه هجڻ گهرجي: خورشيد شاهه

نواز ليگ ۽ پيپلز پارٽي اقتدار لاءِ آزاد اميدوارن کي پاڻ سان گڏ ملائڻ لاءِ ننهن چوٽي جو زور لڳائي رهي آهي

پيپلز پارٽي ڪنهن ٻئي پارٽي جي چونڊيل ميمبرن کي شامل نه ڪندي، پي ٽي آءِ حمايت يافته ميمبرن کي ٽوڙڻ نه گهرجي

نوازشريف جي چونڊ کٽڻ تي ڪيترائي سوال سامهون اچي رهيا آهن ۽ اهو تاثر اچي رهيو آهي ته انهي کي ڪنٽريو ويو آهي

سکر (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ خورشيد شاهه وزيراعظم جي لاءِ نوازشريف جي نالي جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

غلط فهمي ختم ڪريو: عمران خان کان سواءِ حڪومت هلندي نه جمهوريت: لطيف کوسا

ملڪ جي وڏي سياسي پارٽي کي اوهان مائنس نٿا ڪري سگهو، تحريڪ انصاف جا هٿ پير ٻڌي چونڊن ۾ لاٿو ويو

عوام ٻڌايو ته پي ٽي آءِ باني نه باغي آهي نه وري ڏوهاري ان کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي

حيرت آهي ٻن پارٽين وچ ۾ ورهاست ٿي رهي آهي اهو جمهوريت سان کهڙو مذاق ٿي رهيو آهي؟: ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير عمر سيف تقريب کي خطاب ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ سردار لطيف کوسه چيو آهي ته غلط فهمي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

مالي فراڊ ڪيس: فواد چوڌري

جي هڪ لک رپين جي مچلڪن

عيوض ضمانت منظور

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ريڊيو جو عالمي ڏينهن، مرتضيٰ سولنگي انگريزي خبرنامو پڙهيو

حڪومت ريڊيو کي هڪ اهم اطلاعات جي ذريعي طور ڏسي ٿي: مرتضيٰ سولنگي

حڪومت ريڊيو جي نشريات کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ پرعزم آهي: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (م ڊ) اطلاعات، نشريات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ريڊيو جي عالمي ڏينهن جي موقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

گڏيل عرب امارتن ۾ 2 ڏينهن

لاڳيتو برسات کان پوءِ سج

نڪري آيو

ڪراچي (رپورٽر) گڏيل عرب امارتن جي مختلف رياستن ۾ لاڳيتو ٻن ڏينهن جي برسات کان پوءِ اڄ سج/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير نديم جان اجلاس جي صدارت ڪندي

چونڊن ۾ ڌانڌلي تي مڪمل جاچ ٿيڻ گهرجي: آمريڪا

جاچ لاءِ پاڪستاني قانوني نظام ٻيهرين مناسب قدم هوندو

پاڪستان عوام جي چونڊيل حڪومت سان گڏجي ڪم ڪنداسين

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا چيو آهي ته چونڊن ۾ ڌانڌلي تي مڪمل جاچ ٿيڻ گهرجي. آمريڪي پرڏيهي ترجمان چيو آهي ته جاچ لاءِ پاڪستاني قانوني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسپيشل انويسٽمينٽ سهولت ڪائونسل جا بروقت فيصلا نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا: عمر سيف

ٻن مهينن دوران آءِ ٽي جي برآمدات ۾ 32 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي، 10 ارب ڊالرن جي ايڪسپورٽ جو هدف حاصل ڪيو ويندو

معاشي استحڪام ۾ آئي ٽي انڊسٽري جي اهميت بنيادي آهي ان ڪري هي صنعت سهولتن ۽ انعامن جي مستحق آهي

بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ڪمپنين کي نقد انعام ۽ خصوصي ايوارڊ پڻ ڏنا ويا آهن: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (م ڊ) عمر سيف چيو ته اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽي ڪائونسل جا بروقت فيصلا نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا آهن. آءِ ٽي واري نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر عمر سيف جو چوڻ آهي ته اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

قطر موت جي سزا ماڻيندڙ 8 ڀارتي نيوي جي اهلڪارن کي آزاد ڪري ڇڏيو

دوحه (م ڊ) قطر جاسوسي جي الزام ۾ قيد ڀارتي سامونڊي فوج جي سمورن 8 اڳوڻن نيوي جي اهلڪارن کي آزاد ڪري ڇڏيو. قطر ۾ جاسوسي جي الزام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اقليتن جي حقن بابت ڪيس، سچ عوام آڏو آڻڻ کان ڇو روڪيو پيو وڃي؟: اعليٰ عدالت

سموريون حقيقتون عدالت کي ڏئي چڪا آهيون (وڪيل اڪرام چوڌري) عدالت جو ڪجهه ته احترام ڪيو

عدالت به وڪيل طور منهنجو احترام ڪري (وڪيل) اخلاق ته ختم ٿي ويو آهي: وڪيل کي روسٽرم تان هٽڻ جي هدايت

اوڪيو ٽرسٽ جون زمينون قبضايون وڃن ٿيون، حقيقتون لڪايون پيون وڃن، ٻيهرين عدالت تي چڙهائي ۽ پوءِ جج کي سوال به پڇڻ نه ڏيو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ۾ اقليتن جي حقن بابت ڪيس جي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس ۽ وڪيل وچ ۾ ڏند چڪ ٿي آهي. چيف جسٽس قاضي فائزعيسيٰ ٻڌڻي دوران سوال ڪيو ته ملڪ ۾ ڪيترا گردوارا آهن؟ اوڪيو ٽرسٽ جي وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ابو ظهبي: ڀارتي وزيراعظم مودي متحده عرب امارات جي صدر سان ملاقات ڪندي

جي يو آءِ پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف ٽئين ڏينهن به ڌرڻا

سکر، ٽنگواڻي، مورو، ميهڙ، ڪنڌڪوٽ، سنڌڙي، ٽري ميرواهه ۽ ٽنڊو باگو ۾ پريس ڪلبس آڏو احتجاج ۽ ڌرڻا هنيا ويا

سکر ۾ مسجد منزل گاهه کان جي يو آءِ ڪارڪنن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، چونڊن ۾ ڌانڌلين خلاف نعريبازي

ڌانڌلين وارن تڪن تي ٻيهر چونڊون ڪرائڻ جو مطالبو، چونڊن ۾ ڌانڌليون ٿيون آهن، انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

ڪراچي (نمائندن وٽان) جي يو آءِ پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف سنڌ ۾ ٽئين ڏينهن به مظاهرا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سکر: عدالت پاران پيرن جي

حويلي مان گم ٿيل ناري

جي بازيابي جو حڪم

سکر (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ايس ايس پي خيرپور کي پيرن جي حويلي مان گم ٿيل ناري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير پرڏيهي وفد سان ملاقات ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ 40 کان وڌيڪ تڪن جي نتيجن خلاف درخواستون اڪلائي ڇڏيون

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ٻه رڪني بينچ ڪراچي جي 40 کان وڌيڪ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي نتيجن خلاف داخل درخواستن تي ٻڌڻي

درخواستگذارن ۾ اڪثريت پي ٽي آءِ جي حمايت يافته آزاد اميدوارن جي هئي، جڏهن ته جماعت اسلامي به 5 تڪن جي نتيجن خلاف درخواست ڏني

درخواستگذارن کي اليڪشن ڪميشن سان رابطو ڪرڻ جي هدايت، اليڪشن ڪميشن کي 22 فيبروري تائين سڀني درخواستن تي فيصلو ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ 40 تڪن جي چونڊ نتيجن خلاف درخواستون ڏيندڙن کي اليڪشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

لاهور: وزيراعظم جو معاون حافظ طاهر اشرفي پريس ڪانفرنس ڪندي

الخدمت فائونڊيشن غزا متاثرن لاءِ

وڌيڪ امدادي سامان موڪلي

ڇڏيو جهين ڪيپ مصر پهتي

لاهور (م ڊ) الخدمت فائونڊيشن تحت غزا متاثرن لاءِ وڌيڪ 105 ٽن تي ٻڌل امدادي سامان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

چڪوال: هڪ شخص 4 ٻارن ۽ زال کي قتل ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو

ظاهري طور تي معاملو گهريلو تڪراري لڳي رهيو آهي، جاچ جاري آهي: پوليس

محمد شفقت ون فائيو تي پاڻ اطلاع ڏنو، بعد ۾ آپگهات ڪري ڇڏيو

چڪوال (م ڊ) گهريلو حالتن کان تنگ شخص پنهنجي 4 ٻارن ۽ زال کي قتل ڪرڻ کان پوءِ آپگهات ڪري ڇڏيو آهي. شروعاتي جاچ موجب مذڪوره/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

خانپور مهر ۾ جي يو آءِ جو اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف احتجاجي مظاهرو

ملڪ ۾ 8 فيبروري تي عام چونڊن ۾ وڏي ڌانڌلي ڪئي وئي آهي، اسين چونڊن جي نتيجن کي رد ڪيون ٿا: اڳواڻ

اليڪشن نه پر سليڪشن آهي، اسان جي مينڊيٽ کي چورايو ويو آهي، اليڪشن ۾ ڌانڌلي ڪري من پسند اميدوارن کي ڪامياب ڪرايو ويو آهي

جي يو آءِ اميدوارن جا چونڊ نتيجا تبديل ڪري انهن کي هٿ سان هارايو ويو آهي، اليڪشن ۾ ٿيل ڌانڌلين جو نوٽيس وٺي ازالو ۽ انصاف ڪيو وڃي

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانگڙهه ۾ 8 فيبروري تي ملڪ ۾ ٿيندڙ عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف خانپورمهر ۾ جمعيت علماء اسلام تعلقي خانگڙهه جي ڪارڪنن جو احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو. خبر موجب 8 فيبروري تي ملڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

خانپور: جي يو آءِ پاران اليڪشن ۾ ڌانڌلين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

رٽيپور ۾ سيال برادري جو ميت دفنائڻ واري معاملي تي جهيڙو، 4 زخمي

رٽيپور (رپورٽر) رٽيپور ۾ سيال برادري جي زمين ۾ قائم ٿيل مسجد اندر ميت دفنائڻ چوڻ تا ڏيو. سيال برادري مٿان عمراڻي برادري جي ماڻهن جو حملو صحافي ضمير سيال انجنيئر جميل سيال سميت سيال برادري جا چار ڄڻا زخمي رپورٽ موجب رٽيپور جي پراڻي بس اسٽينڊ تي جوڙيل مسجد اندر ميت دفنائڻ تان سيال برادري تي عمراڻي برادري جي ماڻهن جو حملو صحافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دڙو لڳ پوليس جو مبينا مقابلو، فائرنگ هڪ جوابدار زخمي، علائقي ۾ ڏهڪاءُ

دڙو لڳ محمود واهه پرسان دڙو پوليس جوابدار جي موجودگي واري اطلاع تي گهر جو گهيراءُ ڪيو، پوليس جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿي، ته فائرنگ شروع ٿي وئي

هڪ جوابدار رسولي ڪڏو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي (پوليس) پوليس جي فائرنگ سبب محمود واهه واري علائقي ۾ سخت ڏهڪاءُ پکڙجي ويو

زخمي جوابدار دڙو ۾ سجاول جي واپارين کان 3 لک روپيا ڦر سميت ٻين ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو، جوابدار رسولي ڪڏو جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي ڪئي وئي: ايس ايڇ او

دڙو (ن سنڌيار) دڙو لڳ پوليس جو مبينا مقابلو، گهر کي گهيرو، پوليس جي فائرنگ سبب هڪ جوابدار هاف فرائي، زخمي حالت ۾ گرفتار، فائرنگ سبب علائقي ۾ سخت ڏهڪاءُ، تفصيل دڙو لڳ محمود واهه پرسان دڙو پوليس جوابدار جي موجودگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دڙو: پوليس جي مقابلي مبينا زخمي ٿيل ڦورو، ٻئي طرف ڳوٺاڻا ڀڄ ڀاڄ نظر اچي رهيا آهن

بدين ۾ نوجوان کان هٿيار بند لکين روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) مٺي جي رهواسي لو ڪمار ميگهواڙ کان بدين ويجهو ٽيو ميل سر اسٽاپ وٽان نامعلوم هٿيار بندن هٿيارن جي زور تي ٻه لک ڦر ڪري فرار ٿي ويا. خبر موجب ڪالهه ٿي وڳي ڌاري بدين ويجهو بدين ڪراچي روڊ تي ٽيو ميل سر اسٽاپ وٽ ڪراچي کان مٺي ويندڙ مٺي شهر واسي نوجوان لو ڪمار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهرو فيروز ۾ ٽئڪسي ڊرائيور کان ڦر جي ڪوشش، مزاحمت تي قتل

قومي شاهراهه تي ٽئڪسي ڊرائيور کان هٿيار بندن روڪي ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

مقتول نوجوان پريارو ڀرسان ڳوٺ چانهين مٺومل جو رهواسي هو، قتل ڪانپوءِ ڦورو فرار ٿي ويا

نوشهرو فيروز (د ر) نوشهرو فيروز بائي پاس قومي شاهراهه تي نورپور وٽ ٽئڪسي ڊرائيور محمد عامر پٽ محمد يونس هٿيار بندن روڪي ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي سنڌس پاران مزاحمت ڪرڻ تي ڦورن سنڌس مٿان فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

حيدرآباد: ويلنٽائن ڊي جي حوالي سان هڪ دڪان تي گلدستا سجايل نظر اچي رهيا آهن

پوليو خطرناڪ موذي مرض آهي، ٻارڙن کي تحفظ فراهم ڪرڻ اسان سڀني جو قومي فرض آهي: ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

پوليو مهم دوران پيدائش کان پنجن سالن جي تائين عمر جي هر ٻار کي پوليو جا ٻه ڦڙا ضرور پيارين

آفيسر پنهنجا فرض محنت، ايمانداري ۽ سچائي سان سرانجام ڏين. ڪا به يونين ڪائونسل رهڻ نه گهرجي

اجلاس ۾ سمورن تعلقن جا مختيار ڪار، پوليس، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ جي نمائندن شرڪت ڪئي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو اسد علي خان چيو آهي ته پوليو هڪ خطرناڪ موذي مرض آهي جنهن کان ٻارڙن کي تحفظ فراهم ڪرڻ اسان سڀني جو قومي فرض آهي. هن ضلعي جي عوام خاص ڪري والدين کي اپيل ڪئي آهي ته هو 26 فيبروري 2024

ٺٽو: ڊپٽي ڪمشنر جي اڳواڻي پوليو جي انتظامن جي حوالي اجلاس ٿي رهيو آهي

خانپور لڳ هٿيار بندن پاران ڳوٺاڻي کان موٽر سائيڪل ڦر جي ڪوشش، 3 زخمي، احتجاج

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر لڳ هٿيار بند پاران ڳوٺاڻن کان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش، مزاحمت تي 3 ڄڻا زخمي متاثرن جو ڦر واقعي توڙي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ٽائي آڏو احتجاج خبر موجب خانپورمهر ويجهو ڳوٺ سونو پتافي پرسان هٿيار بند ڦورو ٽن ڄڻن منير احمد پتافي، نصير احمد پتافي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

مانجهند لڳ هاءِ وي روڊ ڪراس ڪوچ جي ٽڪر ۾ ٽرڪ ڊرائيور فوت

پنجاب علائقي جهنگ جو رهواسي ٽرڪ ڊرائيور ڪوچ جي ٽڪر ۾ موقعي تي فوت ٿي ويو

فوتي جي لاش کي خاٿوٽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي تعلقا مانجهند اسپتال منتقل ڪيو

ڊرائيور ڪوچ کي ڇڏي فرار ٿي ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) علي آباد انڊس هاءِ وي روڊ پار ڪرڻ دوران ڪوچ جي ٽڪر ۾ ٽرڪ ڊرائيور فوت تفصيل موجب مانجهند پرسان علي آباد دادشهيد هوٽل انڊس هاءِ وي روڊ پار ڪندڙ پنجاب جي ضلع جهنگ جو رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهرو فيروز ۾ مبينا گولي لڳڻ سبب نينگري زخمي

مٺياڻي پرسان مبينا گولي لڳڻ سبب 10 سالا نينگري سائرن کهاوڙ سخت زخمي ٿي پئي

منهنجي ڌي سائرن گهر جي ٻاهران ويٺي هئي ته بندوق جو فائر ٿيو، جو منهنجي نينگري کي لڳا آهن: نينگري جو پيءُ

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مٺياڻي پرسان ڳوٺ ڪرڙي جا ٻاڻ ۾ مبينا گولي لڳڻ سبب 10 سالا نينگري سائرن کهاوڙ سخت زخمي اسپتال منتقل مٺياڻي: ان مرقعي تي نينگري جي والد محراب کهاوڙ ٻڌايو ته منهنجي ڌي سائرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

پوليو کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ عملي طور تي انتظامي سٽاڙن جي ضرورت آهي: ڊپٽي ڪمشنر سکر

ناٽ اويل ايبل ٻارڙن جي ڊيٽا گڏ ڪري ايندڙ مهم ۾ هر حال ۾ انهن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻا وڃن

پوليو جي خاتمي لاءِ هڪ هڪ نقطي تي بحث بعد سائنسي بنيادن تي محنت ڪرڻي: اجلاس ۾ اظهار

پوليو پروگرام جي اصلاحن ۽ سمورن نقطن کي بهتر نموني سمجهڻ جي ضرورت آهي ٻارڙن کي ڦڙا پيارڻ کي يقيني بڻايو وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ضلعي ۾ 26 فيبروري کان 03 مارچ 2024 تائين پوليو مهم هلائي ويندي. پوليو کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ عملي طور تي انتظامي سٽاڙن جي ضرورت آهي. خامين ۽ ڪوتاهين تي نظرثاني ڪندي سائنسي بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي: ڊپٽي ڪمشنر سکر سکر 13 فيبروري 2024ع: ڊپٽي ڪمشنر سکر فياض حسين مهيسر چيو آهي ته پوليو کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ عملي طور تي انتظامي سٽاڙن جي ضرورت آهي ۽ ايندڙ پوليو مهمن ۾ مسنگ ۽ ناٽ اويل ايبل ٻارڙن جي ڊيٽا گڏ ڪري ايندڙ مهم ۾ هر حال ۾ انهن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا وڃن. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

مبارڪپور پوليس پاران هڪ جوابدار پسٽل سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پوليس موبائيل گشت ڪري رهيو هئس ته هڪ جوابدار گاڏي کي ڏسي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي: ايس ايڇ او

جوابدار جي سڃاڻپ گهوٽڪي واسي زرين خان طور ٿي آهي، ٽي ٽي پسٽل ۽ ٽي عدد گولين هٿ ڪيون ويون

ٺڪراڻو (ن سنڌيار) مبارڪپور پوليس جي هڪ جوابدار کي پسٽل ۽ گولين سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪيس داخل خبر موجب ٺڪراڻو ويجهو مبارڪپور پوليس هڪ ڄڻي کي ٽي ٽي پسٽل سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي ايس ايڇ او /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺڪراڻو: پوليس پاران پسٽل سميت گرفتار ڪيل ڏوهاري

سنڌ جيان ٺٽي ۾ ڌانڌليون ڪيون ويون آهن، اليڪشن نه پر سليڪشن آهي: رسول بخش جاکرو

نگران سرڪار ۽ اليڪشن ڪميشن پ پ جي بي ٽيم بڻجي سنڌ ۾ مخالفن اميدوارن کي هارائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي

ٺٽي جي عوام جي مينڊيٽ تي ڌاڙو هنيو ويو آهي، اسان جي 100 کان وڌيڪ ايجنٽن کي اغوا ڪري پولنگن تي سرعام ٺپا هڻي پ پ اميدوارن کي کٽرايو ويو آهي

پ پ جي اميدوار کي 15 هزار ووٽ مليا آهن. جعلي ٺپا هڻي پ پ اميدوار جا 140000 ووٽ ڏيکاريا ويا آهن

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) مسلم ليگ ن پاران اين اي 225 ٺٽو تي چونڊ وڙهندڙ وڏيرو رسول بخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽو: مسلم ليگ (ن) جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

اليڪشن ۾ ڊيوٽي سرانجام ڏيندڙ عملي جو شڪر گذار آهيان: ڊپٽي ڪمشنر بدين

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو طرفان ٻه اين اي ۽ پنج پي ايس جي آر اوز، اي آر اوز، پوليس کاتي اطلاعات کاتو ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين ۾ شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل، شادي جي رات گهوٽ ۽ ڪنوار فوت

ٻه ڏينهن پهريان شادي ٿيل گهوٽ ۽ ڪنوار سنڌن گهر جي ڪمري ۾ مئل حالت ۾ مليا

ڪمري جي اٽيچ باٿ روم ۾ گئس ليڪ ٿيڻ سبب ڪمري ۾ پرجي وڃڻ سبب واقعو پيش آيو: وارث

پوليس گهر جي ڪمري جو جائزو وٺڻ بعد اسپتال پهچي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) گولاڙچي ۾ شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل وليمي جي رسمن ڪانپوءِ رات جو گهر جي ڪمري ۾ سٽيل گهوٽ ۽ ڪنوار جا صبح جو لاش مليا تفصيل موجب گولاڙچي پرسان چڪ نمبر 34 ۾ ٻه ڏينهن پهريان شادي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سکر ۾ پوليس کي هٿ آيل ڇوڪري جي لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي

هٿ آيل لاش ٺٽين پنڊ واسڻ شهزادي ڌيءُ امام بخش طور ٿي، لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال آندو ويو

2 ڏينهن اڳ گهر تي ويل شهزادي جو لاش پوليس کي لڪڙا پوليس پڪٽ پرسان لاوارث حالت ۾ مليو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس کي هٿ آيل نوجوان ڇوڪري جي لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي سنڌس سڃاڻپ ٺٽين پنڊ واسڻ شهزادي ڌيءُ امام بخش طور تي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال آندو ويو سلسلي ۾ سکر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر ۾ پوليس مقابلو، ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار

ليبر ڪالوني روڊ تي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿيو، ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو

زخمي حالت گرفتار ڏوهاري جي قبضي مان هٿيار هٿ ڪيا ويا، مقابلي دوران جوابدار جا 2 ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو، گرفتار ڏوهاري چوري پوليس مقابلن سميت ٻين ڏوهن ۾ گهربل هو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس جي ترجمان محمد بخش بلوچ جي جاري ڪيل بيان موجب سائيٽ ايريا ٿاڻي جي پوليس حد جي علائقي ليبر ڪالوني روڊ تي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ شوڪت عرف شڪو نالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر ۾ جي يو آءِ پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف احتجاجي مظاهرو

اسان اليڪشن جي نتيجن کي رد ڪيون ٿا، سنڌ ۾ اليڪشن نه پر سليڪشن ٿي آهي، اليڪشن ڪميشن جا جاري ڪيل جعلي نتيجا قبول ناهن: اڳواڻ

اليڪشن ڪميشن جي يو آءِ جي اميدوارن جو مينڊيٽ کي چوري ڪيو ويو آهي، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول نه آهي

اليڪشن ڪميشن پاران مبينا ڌانڌلي واري عمل خلاف فوري طور تي نوٽيس وٺي عوام ۽ ڪارڪنن ۾ پيدا ٿيل پريشاني ختم ڪئي وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) جي يو آءِ سٽي سکر پاران صوبائي جماعت جي حڪم تي مدرسي منزل گاهه سکر کان پريس ڪلب سکر تائين جي يو آءِ سنڌ جي اڳواڻ ۽ سٽي سکر جي امير مفتي سعود افضل هاليجوي جي اڳواڻي ۾ اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهرو فيروز ۾ جي ڊي اي اڳواڻن تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس پاران اسان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري اسان جي ڪارڪنن کي حراسان ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

جن اسان جو ووٽ چوري ڪيو آهي اسان کان انتقامي ڪارروايون ڪري رهيا آهن پر اسان جو حوصلو بلند آهي

بي بنياد ڪيس ۾ هاءِ ڪورٽ مان ضمانت حاصل ڪري ورتي آهي، اسان انهن نتيجن کي قبول نه ڪنداسين

نوشهروفيروز (د ر) جي ڊي اي اڳواڻ شاهنواز خان جتوئي جي اڳواڻي ۾ جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضيٰ خان جتوئي ۽ سنڌس پٽ سميت ٻين پارٽي ڪارڪنن تي پوليس اسٽيشن مورو ۾ ڪيس داخل ڪرڻ خلاف مورو پريس ڪلب آڏو احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ملير پرسان ٽرڪ موٽرسائيڪل مٿان ڪلٽي ٿي پئي، نوجوان فوت

قومي شاهراهه تي ٽرڪ روڊ ڪراس ڪندڙ موٽر سائيڪل سوار مٿا ڪلٽي ٿي پئي

ٽرڪ ڪلٽي ٿيڻ سبب ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، ماڻهن لاش ڪڍيو

ملير (د ر) اسٽيل ٽائون لڳ قومي شاهراهه تي گاهه سان ڀريل ٽرڪ موٽر سائيڪل سوار مٿان ڪلٽي، نوجوان ڏهجي فوت، مشين ذريعي ٽرڪ هيٺان لاش ڪڍي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. تفصيل موجب اسٽيل ٽائون لڳ قومي شاهراهه تي گنڊيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهرو فيروز ۾ جي يو آءِ جي سڏ تي اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف احتجاج

8 فيبروري تي اليڪشن نه پر سليڪشن ڪئي وئي آهي، جنهن کي اسان ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين: اڳواڻ

چونڊن ڏنل نتيجن کي نه مڃون ٿا ته اهي ڌانڌلي ڪرائي پنهنجي من پسندن کي ڪترائي رات جي پيٽ ۾ ڏنا ويا آهن

نتيجا رد ڪيون ٿا ۽ اليڪشن ڪميشن نوٽيس وٺي ٻيهر اليڪشن ڪرائي ٻي صورت ۾ احتجاج وسيع ڪيو ويندو

نوشهروفيروز (د ر) اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف جي يو آءِ جي سڏ تي اڄ ٽئين ڏينهن به احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهرو فيروز: جي يو آءِ جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

نوشهرو فيروز جو نوجوان ڪراچي ويندي گم ٿي ويو، وارث پريشان

نوشهرو فيروز (د ر) نوشهرو فيروز جي ڪلهوڙا اسٽيشن پرسان ڳوٺ الهجڙيو راڄپر جو نوجوان حزب الله راڄپر ولد احمد خان راڄپر هزارا ايڪسپريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽي ۾ ٽرڪ جي ٽڪر ۾ نوجوان چيپاٽجي فوت ٿي ويو

لاش سول اسپتال مڪلي پهچائي ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

ٺٽو پوليس ٽرڪ کي تحويل ۾ وٺي ٽرڪ ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو

ٺٽو (د ر) ٺٽي شهر جي آمري اسٽاپ وٽ ٽرڪ پاران ٺٽي جي رهواسي نوجوان غلام حيدر ولد خير محمد ملاح کي چيپاٽي موقعي تي ماري وڌو هو. جنهن جو لاش سول اسپتال مڪلي پهچائي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر بلاڪن ۽ فوٽ پاٿن جي اڏاوت ۾ ناقص مٽيريل جي استعمال جو انڪشاف

انتظاميه پاران سکر شهر ۾ جاري ترقياتي ڪم بهاني روڊ جي پاسن کان ٺهيل فوٽ پاٿ بلاڪ ڊاهڻ شروع ڪري ڇڏيا

اڳ ۾ لڳل ٽائلز کي ٻيهر استعمال ڪرڻ جو انڪشاف، ڪيترن ئي روڊن تي پراڻن بلاڪن کي ئي بحال ڪيو ويو

ترقياتي ڪمن ۾ ناقص ۽ پراڻو مٽيريل استعمال ڪرڻ تي شهرين پاران سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر شهر ۾ ٺهيل فوٽ پاٿن کي ڪرڻ ۽ بلاڪن جي ٻيهر اڏاوت جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر: ترقياتي ڪمن ناقص مٽيريل جي استعمال سبب اکڙيل فوٽ پاٿ جو ڏيک

شڪارپور ۾ ڇهين سنڌ ڪاليجز گيمز 2024 ۾ راندين جا مقابلا ٿي گذريا

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) ڇهين سنڌ ڪاليج گيمز 2024ع جي سلسلي ۾ انٽرا ڊسٽرڪٽ شڪارپور ۾ ٽيبل ٽينس مقابلا گورنمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهرو فيروز ۾ پوليس رڪشا مان 99 ڪلو چرس هٿ، هڪ گرفتار

چيڪنگ دوران رڪشا مان 99 ڪلو چرس هٿ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو

ايس ايس پي جي هدايتن تي سي آءِ اي انچارج ۽ ٻئي عملي اهڙي ڪارروائي ڪئي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهروفيروز ميڊم ۾ سهائي عزيز ٽالپر جي سخت هدايتن تي سي آءِ اي انچارج نوشهروفيروز شهاب اڪبر ڪولاچي ۽ سنڌس ٽيم سب انسپيڪٽر غلام عباس عمراڻي نيڪ محمد چانڊيو ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز: پوليس ڪارروائي ۾ چرس ڪيس ۾ گرفتار ڪيل رڪشا ڊرائيور

سکر جي ڪمشنر پاران گڏريل ڏينهن ٽريفڪ جام نوٽيس ورتو

گڏريل ڏينهن هڪ ئي وقت ۾ سکر، خيرپور ۽ روهڙي جا روڊ رستا بلاڪ ٿي ويا: ڊويزنل ڪمشنر

روهڙي جا روڊ رستا بلاڪ ٿي ويا، جنهن سبب شهرين توڙي اسڪول جا شاگردن کي مشڪلات کي منهن ڏيڻو پيو

اهڙي صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پوليس ۽ روينيو گڏيل طور ڪانٽي جنسي پلان ترتيب ڏئي اسڪواڊ مقرر ڪري ڪمشنر سکر ڊويزن کي آگاهي ڏني وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي گڏريل ڏينهن سکر، روهڙي ۽ خيرپور کي ملائيندڙ قومي شاهراهه سميت ٻين روڊن تي ٽريفڪ جام هجڻ جو سختي سان نوٽيس وٺندي سکر، خيرپور جي ڊپٽي ڪمشنرز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

غوثپور پرسان پورهيت ڪراچي ويندي مبينا اغوا ٿي ويو

ڳوٺ خوش محمد باجڪاڻي جي رهواسي پورهيت لياقت باجڪاڻي کي هٿيار بند اغوا ڪري کڻي ويا

مسلسل رابطو ڪرڻ تي فون نمبر بند اچڻ رهيو آهي، ڳولها ڪئي وئي ته ڪوڏس پتو نه ملي سگهيو

اسان جو همراهه ڪراچي ۾ پورهيو ڪندو آهي، ڏوهاري زور شاخ واري علائقي مان اغوا ڪري ويا آهن: وارث

غوثپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر پرسان لنڪ روڊ تنگواڻي واري علائقي ۾ جمال ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ خوش محمد باجڪاڻي جو رهواسي پورهيت لياقت باجڪاڻي پنهنجي ڳوٺ کان ٽي ڏينهن اڳ ڪراچي ويندي زور شاخ واري علائقي /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 32

سکر جي ايوب گيٽ واري علائقي مان اغوا ٿيل نينگر جو پتو نه پيو

پريس ڪلب اڳيان 133 هين ڏينهن لڳاتار رات ڏينهن به احتجاجي ڪئمپ تي احتجاج جاري رکيو ويو

اغوا کي 9 سال گذرڻ باوجود هن وقت تائين بازياب نه ٿيو آهي: وارث

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي ايوب گيٽ واري علائقي مان اغوا ٿي ويل معصوم اصغر علي مگريو جي بازيابي لاءِ سنڌس وارثن پاران سکر پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهرو فيروز جي سول اسپتال ايڪو مشن جو آغاز ٿي ويو

اسانجي اصل ڪان ڪوشش رهي آهي ته غريب مريضن کي وڌ کان وڌ سهولتون ڏيون: ڊاڪٽر

هن وقت تائين بجيت کان بغير دل جو وارڊ هلي رهيو آهي، مريضن کي تمام تر سهولتون فراهم ٿي رهيون آهن

اڳ مريض ايڪو ڪرائڻ لاءِ ٻين شهرن ۾ ويندا هئا، هاڻي اها سهولت نوشهروفيروز ۾ فراهم ڪئي ويندي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي ڪوشش سان سول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز: سول اسپتال ۾ ايڪو مشن جو آغاز ڪيو پيو وڃي

اسان جو ملڪ هن وقت ڪيترن ئي سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي: محمد اقبال جوکيو

ملير (د ر) گڏاپ جي راڌو جوکيو ڳوٺ جي سياسي ۽ سماجي رهنما جوکيو برادري جي چڱي مڙس وڏيرو محمد اقبال جوکيو اليڪشن 2024ع ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نعمان اسلام شيخ ڪاميابي کانپوءِ ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ شهيدن جي مزار تي حاضري

وفاق ۾ آزاد اميدوارن جو تعداد وڌيڪ آهي، پر پ پ کان بغير ڪا به پارٽي حڪومت نه ٺاهي سگهندي: ايم اين اي

پ پ ڀرپور ڪوشش ڪري رهي آهي ته وفاق ۾ حڪومت ٺاهي، جنهن جي لاءِ آزاد ۽ ٻين پارٽين سان ڳالهه ٻولهه جاري آهي

پاڪستان پيپلزپارٽي چئن صوبن جي زنجير آهي ان ڪري ئي چئن صوبن مان ڪامياب ٿي آهي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) اين اي 200 سکر کان پاڪستان پيپلزپارٽي جا ڪامياب اميدوار نعمان اسلام شيخ اليڪشن ۾ ڪاميابي کان بعد قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ شهيد ميرمرتضيٰ ڀٽو شهيدشاهنواز ڀٽو ۽ مادري وطن بيگم نصرت ڀٽو جي مزارن تي حاضري ڀرڻ لاءِ ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهچي جتي هن گلن جون چادرون چاڙهي فاتح خواني ڪئي. ان وقت پ پ سٽي سکر جو صدر مشتاق سرهيو جنرل سيڪريٽري ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل سپاف سٽي جو صدر عامر نوناري ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نئون ديرو ۾ پ پ جي اميدوارن جي کٽڻ ۾ خوشي ۾ دعوت جو پروگرام

اسان توهان ڪارڪنن جا نهايت شڪر گذار آهيون جن اسان کي مان ڏنو: اڳواڻ

ان موقعي تي عبدالغفار رند، برڪت علي داپو، عزيز احمد جلباڻي ۽ ٻيا موجود هئا

نئون ديرو (رپورٽ: شاد محمود ڀٽو) پ پ پ ڊسٽرڪٽ لاڙڪاڻي جي ورڪنگ ڪاميٽي جي ميمبر سردارزاده مير صوبدار خان جلباڻي يوسي طيب جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺڪراڻو ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو

رولو ڪتن ڳوٺ عارب مهتم ۾ ڳوٺاڻي سوڀارو مهتم جي 2 رڍن کي کائي ماري ڇڏيو

اسانجن ڳوٺن ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي، انسانن سان گڏ هاڻ چوپايو مال به محفوظ ناهي: ڳوٺاڻا

ٺڪراڻو (ن سنڌيار) ٺڪراڻو ۽ پرياسي واري علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو رولو ڪتن ڳوٺ عارب مهتم ۾ ڳوٺاڻي سوڀارو مهتم جي 2 رڍن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽي ۾ بدامني عروج تي پهتل، چورين ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ اضافو

ٻن هٿيار بندن موبائل فون جي دڪان ۾ مان هڪ لک رپيا ڪيش ۽ موبائيلون کڻي فرار ٿي ويا

فرار ٿيڻ جي ڪوشش ۾ هيا ته هڪ ڦورو شهرين هٿان جهلجي ويو. سڃاڻپ سمير ملاح طور ٿي

پوليس چورن ۽ ڦورن خلاف ڪي به موثر ڪارروايون ناهن ڪيون. شهر جو عوام عدم تحفظ جو شڪار آهي: شهري

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۽ مڪلي شهر سميت سموري ضلعي ۾ بدامني عروج نه ڪو اهڙو ڏينهن ناهي جڏهن ضلعي ٺٽي ۾ چوري جون ۽ ڦرن جو وارداتون نه ٿينديون هجن سموري ضلعي ۾ چوري ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ مسلسل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 14 فيبروري 2024ع

سنڌ جو امن امان نگران منتظمين جي اوليت ڇو نه آهي؟

هونئن ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال آئيڊيل ته پري جي ڳالهه، اهڙي به نه رهي آهي، جنهن کي اطمينان جوڳي چئي سگهجي پر موجوده نگرانن جي دور ۾ سنڌ ۾ بدامني ۽ ڏوهن جون وارداتون نوان رڪارڊ جوڙي رهيون آهن. سنڌ جون ٻهراڙيون ڪچو ته آهي ئي ڌوهارين جي حوالي، ماڻهو بنا ڪنهن "طبقاتي فرق" جي اغوا ٿي رهيا آهن. ايتري قدر جو مسڪين پورهيتن کي اغوا ڪيو پيو وڃي، جتان ڌاڙيلن کي ڀنگ ملڻ جو آسرو به ناهي هوندو پر ڌاڪا پکيڙڻ لاءِ مسڪين ماڻهو اغوا ڪري انهن تي بدترين تشدد ڪري وڊيو وائرل ڪيون وڃن ٿيون. هاڻي ته سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي ۾ به ڦرلٽ جا وڏا واقعا ٿيڻ لڳا آهن. هنن ۾ هڪ وڏي واردات 7 ڪروڙ رپين جي ماليت جي موبائل فون سيٽن سان ڀريل گاڏيءَ جي ڦر آهي. صدر ڪراچي جي موبائل مارڪيٽ مان نڪتل ڪوريئر ڪمپني جي وين کي فيروز آباد (ڪراچي) وٽ روڪي هٿياربند ڊرائيور سميت کاهي ويا ۽ ٻي وڏي واردات ڪراچيءَ جي لانڍي واري علائقي ۾ ڊيري فارم مان هڪ ڪروڙ رپين جي ماليت جي 94 ڍورن جي ڦر آهي. 25 هٿياربند ٽن ٽرڪن ۾ اهي ڍور ڦري ڪري بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي هليا ويا.

هونئن ته ڪراچيءَ ۾ اسٽريٽ ڪرائيم جا واقعا پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان ڪنٽرول نه پيا ٿي سگهن. اڳي ماڻهن کان رستي هلندي گن پوائنٽ تي موبائل فون ڦريا ويندا هئا پر ڪراچي جي تاريخ ۾ شايد هي هڪ نرالو واقعو آهي، جنهن ۾ موبائل فون سيٽن سان ڀريل سڄي وين اغوا ڪئي وئي آهي. اها وين ڪنهن جهنگ ۾ ڦر ڪانه ٿي پر ڪراچيءَ جي علائقي فيروزآباد مان ڦر ڪئي وئي آهي. ڪراچي ۾ روڊن رستن ۽ گهٽين ۾ سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳل آهن. جن جي فوٽيجز جي مدد سان ڌوهارين تائين پهچي سگهجي ٿو پر پوليس ايڪشن ڪرڻ جي زحمت ئي نه ڪندي آهي. لانڍي جي ڊيري فارم مان 94 ڍورن جي ڦر جو واقعو به هڪ انتهائي نرالي واردات آهي. 25 هٿياربند ٽي ٽرڪون ڪاهي اچن ٿا ۽ ان ۾ 94 ڍور ڀري فرار ٿي ٿا وڃن پر انهن جي ڪٿي رستي روڪ نه ٿي ٿئي. انهن جو پتو به سي سي ٽي وي ڪئميرائن جي ذريعي آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو ڪراچي ۾ ڌوهن جون وارداتون ايترو ته وڌي ويون آهن، جو ماڻهن لاءِ روڊن رستن تي نڪرڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي.

ڪو زمانو هو جو اخبار جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڌوهن جي خبرن جو ننڍڙو باڪس لڳندو هو پر هاڻي اهو ڦهلجي سڄي اخبار تي محيط ٿي ويو آهي. هاڻي ته اخبارون ڪرائيم ڊائريءَ جو ڏيک ڏيڻ لڳيون آهن. ڌوهه ايترا ته وڌي ويا آهن جو اخبارن ۾ ڪا خير جي خبر پڙهڻ لاءِ به نه ملندي آهي. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته ڌوهه پوليس جي سرپرستي ۽ ڇٽيءَ جي هيٺان ٿين ٿا. ڪيترائي دفعا پوليس جي ڌوهي وارداتن ۾ ملوث هجڻ جون خبرون رپورٽ ٿي چڪيون آهن. پوليس، جنهن جو ڪم ڌوهن کي روڪڻ ۽ عوام جي تحفظ جي ذميواري آهي پر اها پوليس پاڻ ئي جڏهن ڌوهن جي سرپرست بڻيل هجي ته پوءِ پوليس کان ئي عوام کي تحفظ ڏيارڻ جي ضرورت پيش اچي ٿي. جن ۾ وڏين وارداتن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي ڪي عام "وارداتيا" ڪري نٿا سگهن. ڌوهارين جا منظم ٽولا ان ۾ ملوث ٿي سگهن ٿا ۽ اهو سڀ ڪجهه پڻ اعليٰ سطحي سرپرستيءَ کانسواءِ ممڪن نه آهي. اها ڪالهوڪي خبر آهي ته ڪراچي جي پينس ڪالوني نمبر 9 ۾ فائرنگ سان ٻه مبينا چور زخمي ٿي پيا آهن. اهي رقم کسي ڀڄي رهيا هئا ته شهرين جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيا.

سنڌ جي نگران حڪومت امن امان جي ذميواري احسن طريقي سان پوري نه ڪري سگهي آهي. سنڌ جو نگران وڏو وزير ڪنهن اهڙي واقعي ڪانپوءِ معاملي جو نوٽيس وٺندو آهي پر ڪير کيس ٻڌائي ته حڪمراني صرف نوٽيس وٺڻ جو نالو نه پر عوام جي تحفظ کي يقيني بنائڻ جي ذميواري آهي. گاديءَ واري شهر ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ وڌندڙ ڌوهن جي شرح تي اسان انتهائي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي اها گهر ٿا ڪريون ته عوام جي تحفظ جي آئيني ذميواري پوري ڪئي وڃي، اسٽريٽ ڪرائيم سميت اغوا ۽ ڦرجي وارداتن تي ضابطو آڻڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن.

سنڌ: جتي ويلنٽائينس ڊي ممنوع قرار ڏنل آ

تحرير: ڪاشف نوراني

سکي هوا ۾ هڳاءُ آهي،
ڳلي ڳلي گيت ٿي وئي آ،
پيا بنا ننڊ ڪيئن ايندي،
بسنت رت جو بي چئي آ. (شيخ اياز)

پيار کي ملهائڻ لاءِ هڪ ڏينهن ئي ڇو؟ ڇا سڀ ڏينهن پيار جا ڏينهن نه ٿا ٿي سگهن؟ اهو شايد انهيءَ ڪري جو سال جا باقي ڏينهن نفرت جا ٿي پيا آهن. هر روز ڪو خودڪش ڌماڪي ۾، ڪي ماڻهو ماري ٿو هر روز ڪو ميزائل ڪيترائي آباديون اجاڙي ٿو هر روز قبائلي جهيڙن، قومي تڪرارن، مذهبي فسادن، طبقاتي ويڙهاندن، نظرياتي جنگين، ذاتي دشمنين، معاشي رقابتن ۽ سماجي ٽڪرائن ۾ رڳو نفرتون راڄ ڪن ٿيون. هر روز فضا ۾ بارود جي بوءِ اچي ٿي، ڪو هڪڙو ڏينهن به ڪيجي، جو ماحول ۾ گلن جي مهڪار ٿئي. هر روز سڏڪن سان آسمان لرزي ٿو. ڪو هڪڙو ڏينهن ته ٽهڪن سان گونجڻ کپي. هر روز موت تي سوڳوار آهيون. ڪو هڪڙو ڏينهن ته زندگيءَ جو جشن ملهايون. اسان وارن نسلن، پيار کي پنهنجون عمريون ڏنيون آهن جڏهن ڳاڙهن ٻيرن جي رت ايندي آهي، جوان دلين ۾ پيار پلجڻ شروع ٿيندو آهي، تڏهن ڪائي اپسرا پنهنجي پوتيءَ جي پاند کي ڪنڊ موڙي مرڪي ڏسندي آهي: ته ان مهل سنڌس من اندر ۾ محبت جا ڏيئا ٻرڻ لڳندا آهن. اهڙي پل سنڌس چيلهه جو هڪ موڙو ۽ چپن تي ٽري آيل مرڪ، سنڌس اندر جو اظهار هوندو آهي. ان سمي ڌرتيءَ تي ڪجهنڊڙ سنڌس هر قدم ڪنهن زلزلي کان گهٽ ناهي هوندو. ان البيلين دلين کي ڪنهن ڏهاڙي جو انتظار هوندو آهي. انهن لاءِ هر موسم پيار جي ۽ هر ڏهاڙو پيار جو ڏڻ هوندو آهي.

سنڌ سميت سڄي دنيا ۾ محبت جو ڏهاڙو "ويلنٽائين" ملهايو پيو وڃي، ماڻهو هڪٻئي کي گل ۽ مختلف سوکڙيون ڏئي محبت جو اظهار ڪري رهيا آهن. سڄي دنيا ۾ بيڪرين تي ڪيڪن جا آرڊرز، گلن جي دڪانن، گفٽ شاپس تي نوجوانن ئي نه پر بزرگ مرد ۽ عورتن جي رش نظر اچي رهي آهي. ويلنٽائين ڊي تي چاڪليٽ جو ڪروڙين ويندو آهي، ڇو ته ماڻهو تحفي ۾ چاڪليٽ ڏيڻ پسند ڪندا آهن. اڄ محبتي جوڙا هڪٻئي سان محبتون ونڊيندا، هڪٻئي سان پيار جو پچارون ڪندا، هڪٻئي کي گلن ۽ چاڪليٽن جا تحفا ڏيندا ۽ سڄو ڏينهن گڏ گذاريندا.

محبتون ته غير مشروط هونديون آهن پر ويلنٽائينس ڊي فيبروري مهيني جي سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي. ان مهيني خصوصي طور تي رومانوي سوچ رکڻ وارا جن کي سولي سنڌيءَ ۾ عاشق به چئبو آهي هن مهيني کي رومانٽڪ بنائڻ لاءِ مختلف رٿابندين ۾ مصروف عمل ٿي ويندا آهن. پيار جيڪو هڪ بغاوت آهي، جنهن جي حقيقت کي هن مهل تائين ڪير به پهچي ناهي سگهيو پر اسان جنهن معاشري خصوصي طور سنڌ ۾ رهون ٿا اتي محبت اسان لاءِ صرف هڪ خواب بڻجي وئي آهي. اسان ته اهڙي سماج ۾ رهون ٿا جنهن ۾ جون لينن جي چوڻي موجب ته "اسان هڪ اهڙي سماج ۾ رهون ٿا، جتي محبت ته لڪي ڪرڻي پوي ٿي پر تشدد، جهيڙا ۽ نفرتون سرعام ڪندا آهيون". ڌرتي ۽ سرتيءَ جي عشق ۾ وڏو ڪمال سمايل هوندو آهي، جنهن ۾ موت جو خوف اصل بيماناٽو ۽ ختم ٿي ويندو آهي، عاشقن جي راهن ۾ جيتريون پابنديون ۽ سختيون اينديون آهن، اوترو ئي ان ازلي عشق جي ڪشش وڌندي رهندي آهي، نگاه ۽ قدم صرف منزل مقصود تي هوندي آهي. جتي پيار گناهه نه هجي، جتي سمنڊ جي ڪناري تي هلندڙ جوڙي کي عجيب نگاهن سان نه ڏٺو وڃي ۽ جتي پارڪ جي بئنچ تي ويٺل چوڪري ۽ چوڪريءَ کان سنڌن رشتن جي پڇا نه ٿي ڪئي وڃي جتي پيار ممنوع آهي. جواني جرم آهي ۽ خواب گناهه آهن. جتي پيار کي انائن جي بارگاهه ۾ بليدان ڪيو ويندو آهي ۽ جتي محبتون قبائلي سردارن جي اجازت سان ڪبيون آهن.

پيار جو طوفان پنهنجا ڪنارا پاڻ طئي ڪندو آهي. پيار جيڪو پيريءَ ۽ جوانيءَ کان ولي وڌيڪ اذيت ناڪ هوندو آهي. محبوب جو هڪ ديدار ئي عاشق جي ڪومائيل دل ۾ انقلاب جو ٻڙي جوت جڳائي سگهي ٿو پر ان جي ڪابه آخري حد ناهي ٿيندي. پيار سمنڊ آهي جنهن جي ٻئي ڪناري تي اڄ تائين ڪوبه عاشق پهچي ناهي سگهيو. اڄ ان عاشقن لاءِ هي (عيد ڏڻ) خوشين کان اٿيورو هوندو جن کي پنهنجي پرينءَ جو درشن نصيب نه ٿيو هوندو جن جا پرين محلاتن ۽ لوهي ڪارن ڪوٺن ۾ قيد هوندا آهن انهن لاءِ عيد به عام ڏهاڙي جهڙي هوندي آهي. اڄ هي انهن عاشقن لاءِ ٿي عيد جو ڏڻ هوندو، جن کي پرينءَ جو چهرو ڏسڻ ۽ چمڻ نصيب ٿيو هوندو. اهو لمحو جڏهن ڪنهن پريميڪا جي حصي ۾ آيو هوندو ته ان جي زندگيءَ جا وساميل سپيئي ڏيئا ٻري پيا هوندا. سنڌس زندگي شام شفق جو ٻرندڙ ڏيئن جيان جرڪي پئي هوندي. ان لمحي هن مرڪي جڏهن پنهنجو پاند ڏنو هوندو ته ان خوشيءَ جي لمحي کي هن اياز جي هن سٽ ۾ هيئن محسوس ڪيو هوندو ته:

آ رات لڙي هو اچئو آ، مون مرڪي پنهنجو پاند ڏنو،
تون ڇوڙ نه پايل پيرن جي، رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي.

پيار ڇا آهي؟ پلاانهيءَ ۾ ڪهڙي طاقت آهي، جو پهاڙ جهڙا ماڻهو مينهن جي ٿهيل محبوبن جي گرم ساهن ۾ وڳهرجيو وڃن. آخر انهيءَ ۾ ڪهڙي ڪشش آهي، جو هڪ نگاهه جي اشاري تي صدين جا رشتا، هزارن سالن جون سڃاڻپون ۽ ازل جا واسطا پل ڪن ۾ ٿهيو پون ۽ ٻيا سڀ رشتا بي معنيٰ ٿيو پون. آخر ڪهڙو راز آهي، جو ماڻهو پنهنجو وجود عشق جي ٻاهه ۾ ساڙي ڀسم ڪريو ڇڏين، پنهنجون شناختون متايو ڇڏين؟ آخر ڪهڙي قوت آهي، جو ڏاهي کان ڏاهو ماڻهو عقل جو لباس، پيار جي بي لباسي پهري، مستيءَ ۾ سرمست آهي! ڪجهه ته آهي، پر ڇا آهي؟ جسم جي بک آهي يا روح جي پياس؟ پنهنجي تڪميل آهي يا پاڻ کي فنا ڪرڻ آهي؟ ڪنهن کي حاصل ڪرڻ يا پاڻ کي وڃائڻ آهي؟ صدين جو سودو آهي يا لمحن جو حساب؟ تڙپ آهي يا سڪون آهي؟ ڳولڻ آهي يا لهڻ؟ خير آهي يا شر آهي؟ ڇا آهي هي عشق؟ ڪهڙي رمز آهي پيار ۾؟ شايد اهو سڀ ڪجهه آهي يا ڪجهه به نه آهي. جيڪي سمجهن ٿا عشق رڳو روحاني رشتو آهي، سي برفيلن جسمن جي گرم هٽن ۾ پگهرڻ واري وجد کان واقف نه آهن. جيڪي عشق کي رڳو ڪجهه حاصل ڪرڻ واري راند سمجهن ٿا، سي پاڻ وڃائڻ واري سرور کان محروم آهن. جن لاءِ عشق رڳو پنهنجي تڪميل آهي، تن فنا واري مزي کان پاڻ کي پري رکيو آهي. عشق تڏهن ٿي آهي، جڏهن توهان جسمن جي ذريعي روحاني رمزن تائين پهچو جڏهن سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ واري سوچ ۾ هر شئي وڃائي ڇڏيو ۽ تڪميل واري آرزو ۾ پاڻ پنهنجو وجود فنا ڪري ڇڏيو، تڏهن شايد عشق جي خبر پوي. جو ته اگر عشق کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي سين، ته ٿي سگهي ٿو ته ڪڏهن انهيءَ جي ويجهو به نه اچي سگهون. پيار ڪنهن رت، ڏهاڙي جو محتاج ناهي. پلا پيار جي ڀرين پل ۾ ورتل ڀرين چميءَ کي اڄ تائين ڪو پريمي وساري سگهيو آهي؟ هي اهو پل هوندو آهي جنهن پل عاشق جي دل ۽ دماغ جون سڀ اکيون کليل هونديون آهن ۽ هر اک ۾ صرف هڪ ئي چهرو هوندو آهي جيڪو سنڌس پرينءَ جو هوندو آهي. ان لمحي کيس ڪنهن موسم جو احساس به نه هوندو آهي.

منهنجي پنهنجي ذاتي راءِ اها به آهي ته اڄ جو ڏينهن اسان لاءِ شاهه لطيف جي امن جو پيغام کڻي آيو آهي، اڄ جو ڏينهن اسان کي سچل جي واٽ تي هلڻ جي تاڪيد ڪرڻ آيو آهي ۽ اڄ جو ڏينهن اسان کي انسانيت جي وجود جو مقصد سمجهائڻ آيو آهي ته توهان انسانن جو مقصد هن دنيا ۾ محبتون ۽ پيار پکيڙڻ آهي. اڄ جي دور ۾ ڏٺو وڃي ته تمام گهڻا الميا نظر اچي رهيا آهن. انهن مان هڪ الميو اهو به آهي ته هن سماج ۾ محبت ۽ مثبت سوچ جو خاتمو ٿي چڪو آهي. ماڻهو محبتون وساري ويٺا آهن ۽ صرف ۽ صرف پنهنجي دلين ۾ نفرتن جا انبار پالي رهيا آهن ۽ نفرتن جو عروج آهي جنهن ڪري روزاني اڻ ڳڻيا مسئلا درپيش اچن ٿا. سوشل ميڊيا تي نظر ڊوڙائبي ته هزارين هان ڏاريندڙ واقعا اکين آڏو اچن ٿا، ڪڏهن ڪنهن بي گناهه جي خون جي خبر پوي ٿي ته ڪڏهن معصوم رمشا جو بي گناهه قتل ٿيڻ جي خبر شايع ٿيل آهي ايتري تائين جو ڀاءُ جو ڀاءُ کي قتل ڪرڻ جو خبرون به روزاني جو معمول بڻجي چڪيون آهن ۽ پٽ به پيءُ جو قاتل ٿي ويو آهي. انهن سڀني برائين جو آخر سبب ڇا آهي؟ هونئن ته اڄ جو دور ٽيڪنالاجي جي عروج جو دور ڪوٺيو وڃي ٿو واقعي ٽيڪنالاجي عروج تي آهي پر سماج ۾ برائين جو به عروج آهي. اهو به دور هو ته ماڻهن هڪٻئي سان روح رهاڻيون ڪندا هئا، هڪٻئي سان محبتون ونڊيندا هيا ۽ مڇ ڪچهريون ڪري امن، شانتي ۽ محبتن جي واڪا ڪندا هئا ۽ پنهنجي نئين نسل کي شاهه جي شاعري ۾ سمايل سبق تي هلڻ جي تلقين ڪندا هئا ۽ پيار ۽ محبت وارو درس ڏيندا هئا. پر اڄ ٽيڪنالاجي جي عروج جي دور ۾ اسان جو نئون نسل صرف سگريٽ نوشي ڪندي ۽ پيڪيجن جي معرفت موبائل تي هيپي آورس دوران رلندي نظر اچي ٿو جنهن جو نتيجو صرف برائين کانسواءِ ڪجهه ناهي.

جنهن جي من ۾ محبت هوندي آهي ۽ جنهن جا سينا ڪپت کان اجا هوندا آهن، انهن سان ته ڪو حساب ئي نه هوندو آ. سوا چو ته گلوبلائيزيشن جي هٿن ڏينهن ۾ محبت جو جشن پراڻن ڏينهن جيان ملهائي وٺون. انهيءَ کان اڳ جڏهن محبوب جي ڏنل چاڪليٽن جو ذائقو ۽ مساڪ جو رنگ ڦٽي وڃي ۽ آرسان نالا ۽ دليون پرپل رومال ڦاٽي پون، انهيءَ کان اڳ جو ڏنل گلابن جون محفوظ ڪيل پنکڙيون ٽوٽ ٿي هوائن ۾ اڏامي وڃن، انهيءَ کان اڳ جو خوشبوءِ جو واس وڃائجي وڃي، انهيءَ کان اڳ جو مليل هٿ ڇڏائجي وڃن، انهيءَ کان اڳ جو دبيل ٽهڪ گر ٿي وڃن، انهيءَ کان اڳ جو اسان کان هڪ ٻئي جا نالا به وسري وڃن، اچو ته ممنوع هئڻ جي باوجود پيار جو ڏينهن ملهائي وٺون......

****

ڪُوڙُ قَرِيبَنَ جو، عينُ ٽَڙڻُ آهِ؛
اِيَ اُلٽي ڳالهڙي، سِڪَ وَرَندي ساهِ؛
آسَرَ هَڏِمَ لاهِ، چِنَڻُ ڳَنڍَڻُ اُن جو.

ڪڏهن اُڦت مران ته پوءِ ٻه چار لُڙڪ هارجو!!!

ايم ـ ايڇ سومرو

13 فيبروري 2005ع جي شام جو سج جيئن ئي پنهنجا ٽڪل پاڇا ڌرتي کي ارپي لٿو ۽ وقت جي گهڙين جا ڪانٽا آهستي آهستي پيار ڪندڙ عالمي ڏينهن ويلنٽائن ڊي ڏانهن وڌي رهيا هئا ته هڪ 33 سالن جو ڳڀرو نوجوان هن عالمي ڏهاڙي کي يادگار ۽ خوبصورت بنائڻ لاءِ پلاسٽڪ جي پيڪنگ ۾ سليقي سان سجايل خوبصورت گلن جو تحفو پنهنجي پاسيري ڪيسي ۾ رکي ڇڏيائين ته جيئن گلن جو مهڪندڙ تحفو پنهنجي جيءَ کان وڌيڪ چاهيندڙ سنڌس ونيءَ کي تحفي ۾ ڏيئي پنهنجي محبت جو ثبوت پيش ڪري سگهي. هن ڏينهن کي پنهنجي ڊائري جي ورقن ۾ محفوظ ڪري سگهي، پر وقت ته ڏاڍو بي رحم آهي وقت جي ڪانٽن اجا شام جا پوڻا اٺ وڄايا هئا سنڌس ڪمري ۾ ماني کائي رهيو هو ته هن ٻاهر گهٽيءَ ۾ هلڪو گوڙ ٻڌو سنڌس امڙ پاران روڪڻ باوجود اگهاڙن پيرين ٻاهر گهٽيءَ طرف آيو جتي گهٽيءَ ۾ موجود پاڙي جي 12 ورهين جي ننڍڙي شاهد جي دڪان تي جنهن جي روزانو مرادي 1500 کان مٿي نه هئي، پنج يا ڇهه هٿيارن بند معصوم شاهد کان هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري رهيا هئا. انهن مان هڪ رائيفل بردار جيئن ئي سامهون دروازي مان نڪتل هن نوجوان کي ايندو ڏسي بنا ڪنهن سوچ سمجهه جي ته سنڌس هڪ آگر جو اشارو هڪ خاندان اجاڙي ڇڏيندو يا ٽي سال اڳ نهايت حُبَ مان شادي ڪندڙ ونيءَ کي بيواهه ڪري ڇڏيندو، ڪو ٻن سالن جو معصوم گل يتيميءَ جو عذاب سهندو يا هڪ 90 سالن جي جُهور پوڙهي ماءُ پيءُ کي نوجوان ڳڀرو پٽ جي وڇوڙي جا ڏنڀ ڏيندو، هُن وحشي آگر کي هڪ نه پر ٻه ڀيرا دٻائي ٺڏي تي ئي نوجوان سليم سومرو جي زندگيءَ جو ڏيئو اُجهائي آرام سان ڪجهه وکون اڳتي وڌي عبدالغني ميمڻ کي به گولين جي ٻڪ ٻڌائي سرعام هَڪل ڪندي چيو ته اڄ اسانکي 100 ماڻهون مارڻا آهن، اسانجي ويجهو ڪير به نه اچي ۽ آرام سان پيرين پنڌ شهر کان ٻاهر نڪري ويا.!

امن امان جا مثالي پٽ سمجهيا ويندڙ ٽنڊو ٻدين، سڄاول ضلعا جن ۾ خاص طور تي سڄاول ضلعي جي صدين کان پرامن رهندڙ هن شهر ڏڙو ۾ ايڏي ديده دليري واري واردات ڪانپوءِ هتان جا شهري پاڻ کي مڪمل طور غير محفوظ تصور ڪري رهيا آهن جڏهن ته واردات واري هنڌ کان پوليس ٿاڻو به گهڻو پري نه آهي جتي فوري طور واقعي جو اطلاع ڏنو ويو پر پوليس طرفان بجاءِ ڪارروائي ڪرڻ جي جوابدارن جي پويان وڃڻ جي جيڪي ڪافي پري به نه پهتا هوندا پر پوليس پاران هڪ ڪلاڪ کان پوءِ سول اسپتال ڏڙو پهچي ۽ واردات واري هنڌ پهچي لک پڙهه جي ڪارروائي ۾ مشغول ٿي وئي. توڙي جو سوين شهرين جي احتجاجي مطالبي باوجود ته جوابدار اڄان پري ناهن وڃي سگهيا اهي قانوني گرفت ۾ اچي سگهن ٿا انهن جو پيڇو ڪيو پر پوليس جو روايتي موقف هو ته گرفتاري ڪان پهرين يا ڪنهن ٽڙيندڙ جي ترت علاج کان پهريان پوليس جي ڪاغذي ڪارروائي کي اهم قرار ڏنو ويو ته جيئن قاتلن کي سولائي سان فرار ٿيڻ جو موقعو ملي سگهي يا ڪنهن ٽڙيندڙ زخمي زندگي جو ڏيئو اجهامي وڃي پوءِ پوليس جا ڪاغذ ڪارا ٿين، حقي، ناحقي گرفتاريون عمل ۾ اچن ۽ هن واقعي ۾ ايئن ئي ٿيو شهر جي مختلف سياسي، سماجي واپاري ڌرين جي شديد ردعمل ۾ هنگامن، احتجاجن ڪان پوءِ ان وقت جي صاحب اختيار عملدارن جي اچ وڃ ڪانپوءِ به جانچ اتي جو اتي!!

سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته هن پُرامن خطي ۾ ڏوهارين کي ايڏي ديده دليري سان خوني ڪاروايون ڪرڻ جو لائسنس ڪنهن ڏنو آهي؟ جيڪي بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي معصوم شهرين جي حياتين سان ڪيڏي ويا. باشعور امن پسند انسان شهيد سليم سومرو جيڪو بي پناهه صلاحيتن جو مالڪ هو هو ڏڙي شهر جي واحد رجسٽرڊ ڪرڪيٽ ڪلب مهراڻ ڪرڪيٽ ڪلب ڏڙو جو باني ۽ ڪپتان هو جنهن هن شهر جي نوجوانن جي ڪرڪيٽ جي شوق کي ڏسي انهن لاءِ وسيلا پيدا ڪري پاڻ مڃرائي مقبوليت ماڻي پر وقت جي بي رحمن هن مسڪرائيندڙ چهري جي زندگي جي اننگ ئي ختم ڪري ڇڏي! سٺن پائرن ۾ ڇهون نمبر باصلاحيت نوجوان جيڪو بي روزگاري جي پيڙاءُ مان گذري شهادت کان 5 مهينا پهريان مڊل اسڪول پروجيڪٽ ۾ ڪميشن جو امتحان پاس ڪري جونيئر سيڪنڊري اسڪول ٽيچر بڻيو پر سنڌ حڪومت پاران پگهارن جا آرڊر جاري نه ٿيڻ سبب اجان تائين پنهنجي علمي پورهئي جي هڪ پگهار به نه حاصل ڪري سگهيو هو هن شهيد جو والد ۽ والده پنهنجي ڳڀرو پٽ جو وڇوڙو برداشت نه ڪندي مالڪ حقيقي سان وڃي مليا.

شهيد سليم جا گلڙا حازم سليم ۽ نياڻي حفصه سليم اڄ وقت جي وحشين هٿان شڪار ٿيل پنهنجي شهيد والد کي ڳولهيندا رهن ٿا. 19 ورهين گذرڻ باوجود به پوليس پاران نه قاتل پڪڙا ٿي سگهيا نه ٿي ڪا جانچ مڪمل ٿي، هن پرامن شهر ڏڙي ۾ ٿيل سرعام وحشي ڪارروائي شهرين جي ذهن ۾ پڙاڏو بڻجي گونجي رهي آهي ته هاڻ اهي ڄاڻي توڙي مالي طرح ڪنهن به وڏي نقصان سهڻ لاءِ تيار آهن!!!

بقايا 01

پاڪستان کي سياسي، معاشي بحرانن مان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿينداسين.

بقايا 02

پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته پ پ طرفان اسان کي حڪومت ناهڻ ۾ سپورٽ ڪرڻ سلو سگنل آهي. هن چيو ته پ پ اسان کي ان معاملي تي باضابطا طور ٻڌايو، بلاول ڀٽو اڄ هاڻي پريس ڪانفرنس ڪئي آهي. اسان پنهنجي مشاورت مڪمل ڪري باضابطا اعلان ڪنداسين.

بقايا 03

۾ صحافين سان ڳالهائيندي مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ پ پ حڪومت ناهي رهي آهي، هي چوندون آسان نه هيون. ماڻهن جو خيال آهي ته سنڌ ۾ آساني سان چوندون ٿيون. اسان 5 سالن کان تياري ڪري رهيا هئاسين. هن چيو ته گڏيل ڏينهن جي ڊي اي جي پريس ڪانفرنس تي افسوس ٿيو منهنجا پير پاڳاري سان ذاتي لاڳاپا آهن. پير پاڳاري کي جي ڊي اي استعمال ڪيو. پير پاڳارو صاحب حقيقت ڄاڻي ها ته سٺو ٿئي ها. سنڌس چوڻ هو ته جي ڊي اي پير پاڳاري سان ڪوڙ ڳالهايو. پير پاڳاري کي زميني حقيقتون نه ٻڌايون ويون. پير پاڳارو پنهنجا درست تبديل ڪري.

بقايا 04

ايوان ۾ اڪثريت ڏيکارين ته اسان اپوزيشن ۾ ويهي رهنداسين. هن چيو ته 8 فيبروري جو مرحلو مڪمل ٿي چڪو آهي. عام چوندن کان اڳ مختلف خدشا سامهون اچي رهيا هئا. چيو پئي ويو ته موسم ٿڌو آهي، امن امان جي صورتحال خراب آهي. چيو پئي ويو ته چوندون ان لاءِ نٿيون ٿي سگهن ته دهشتگردي آهي پر جڏهن سپريم ڪورٽ جو چوندن جي حوالي سان فيصلو آيو ته سمورا خدشا دفن ٿي ويا. مسلم ليگ(ن) جي صدر چيو ته چوندن واري ڏينهن سيڪيورٽي ادارن جيڪو ڪردار ادا ڪيو اهو سڀني جي سامهون آهي. اليڪشن ڪميشن تي به تمام گهڻا الزام لڳايا ويا. چيو پئي ويو ته ڌانڌلي ۽ ليول پليئنگ فيلڊ اهڙي طرح جا الزام لڳايا پئي ويا. 2013 جي چوندن ۾ 35 پنڪچر جو الزام ڪنهن لڳايو هو؟ اڳوڻي وزيراعظم چيو ته پارليامينٽ تي حملو ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيون ويون. ڪبرون کوٽڻ جو ڊرامو ڪيو ويو جيڪو سڀني جي سامهون آهي. 35 پنڪچر جو به حساب ٿي ويو سپريم ڪورٽ به چيو آهي ته چوندن ۾ ڌانڌلي نه ٿي آهي. شهباز شريف چيو ته 2018 جي چوندن ۾ آر ٽي ايس کي ويهاريو ويو 2018 ۾ 66 ڪلاڪن کان پوءِ رزلٽ اچڻ شروع ٿي ويا هئا. گڏيل اليڪشن ۾ شهرن جا رزلٽ دير سان آيا پر ڳوٺن جا رزلٽ تڪڙا اچي ويا. مسلم ليگ(ن) جي صدر چيو ته 2018 ۾ خواجه سعد رفيق جي ٽڪ جي ري ڪائونٽنگ کي روڪيو ويو. ڌانڌلي جو سمورو عمل گذريل ڪيترين ئي چوندن جي حوالي سان اوهان جي سامهون آهي. ڪهڙي اها اليڪشن آهي جنهن ۾ ڌانڌلي جا الزام نه لڳا آهن؟ اسان چيف جسٽس جو ٿورو ادا ڪيو آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر به مبارڪباد جا مستحق آهن. هن چيو ته خميس جي رات تي 12 سيڪڙو رزلٽ اچڻ تي هڪ پاسي کان گوڙ شروع ٿيو 10 کان 12 سيڪڙو تي راءِ قائم ڪرڻ غير منطقي ۽ غير مناسب ڳالهه هئي، ڌانڌلي جا الزام لڳايا پئي ويا پر اسان جي سينئر اڳواڻن کي شڪست ملي آهي. شهباز شريف چيو ته خواجه سعد رفيق وڏو ماڻهپي جو مظاهرو ڪندي اعتراف ڪندي پنهنجي شڪست کي مڃيو فيصل آباد ۾

راڻا ثناءالله کي شڪست ملي، جيڪڏهن ڌانڌلي ٿي آهي ته اسان جا سينيئر اڳواڻ ڪيئن شڪست کائي ويا. هن چيو ته اسان جي ماڻهن جي درخواستن کي به عدالت رد ڪيو آهي. آزاد اميدوار جن کي اسان سياسي پارٽين ۾ مسلم ليگ پهرين، پيپلز پارٽي ٻئين نمبر تي آهي. ايندڙ مرحلو شروع ٿيڻ وارو آهي. هاڻ سڄو پارليامينٽ وجود ۾ ايندو. جيڪڏهن آزاد اميدوار حڪومت ناهي سگهن ته ان جو شوق سان ناهين.

بقايا 05

ناهي، اسان کي مينڊيٽ ناهي مليو ته وزارت عظميٰ جو اميدوار ناهيان. سنڌس چوڻ هو ته اسان مرڪز ۾ پاڻ حڪومت ناهڻ جي پوزيشن ۾ ناهيون، پي ٽي آءِ چئي چڪي آهي ته پ پ سان ڳالهه ٻولهه نه ڪندي، ن ليگ واحد جماعت آهي، جنهن اسان کي مرڪز ۾ حڪومت ۾ شموليت جي دعوت ڏني. بلاول ڀٽو زرداري موجب اسان فيصلو ڪيو آهي ته ان پوزيشن ۾ ناهيون ته وفاقي حڪومت جو حصو بڻجون، اسان وفاقي حڪومت ۾ وزارتون نه وٺنداسين پر ن ليگ جي وزارت عظميٰ جي اميدوار کي ووٽ ڏينداسين. هن چيو ته اسان 18 مهينا ن ليگ جي حڪومت جو حصو رهياسين، جنهن ۾ پارٽي کي شڪايتون ٿيون پر چاهيون ٿا ته حڪومت سازي جلد مڪمل ٿئي ۽ ملڪ بحران مان نڪري. نٿا چاهيون ته ملڪ هڪ ٻي اليڪشن ڏانهن وڃي. پ پ چيئرمين چيو ته عوام چوندن ۾ حصو ورتو. عوام وڌيڪ سياسي عدم استحڪام نٿو چاهي. سي اي سي ميمبرن ن ليگ جي حوالي سان ڪيترائي اعتراض اٿاريا. هنن چيو ته 18 مهينن ۾ اسان جا ڪم نه ٿيا، چوندن جي نتيجن کي احتجاج سان گڏ قبول ڪنداسين. سنڌس چوڻ هو منهنجي خواهش آهي ته آصف زرداري ملڪ جو صدر بڻجي، ملڪ ۾ هن وقت هڪ ٻاهه ٻريل آهي، خواهش آهي ته آصف زرداري صدر بڻجي ۽ ان ٻاهه کي وسائي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پ پ سينيٽ چيئرمين، صدر ۽ اسپيڪر لاءِ اميدوار بيهاريندي. خواهش آهي ته آصف زرداري صدر جي عهدي لاءِ اليڪشن ۾ حصو وٺي.

بقايا 06

۾ جماعت اسلامي سان حڪومت ناهڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته اسان ننڍين پارٽين سان ملي حڪومت ناهينداسين ۽ 99 سيڪڙو اميدوار اسان سان گڏ آهن. سينيٽر علي ظفر، ايڊووڪيٽ حامد خان ۽ عمير نيازي سان گڏ صحافين سان ڳالهيون ڪندي پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر علي خان چيو ته اسان جي ماڻهن کي 20 کان 25 ڪروڙ رپيه آفر ڏني پئي وڃي، ٻراهي پارٽي سپورٽڊ اميدوار آهن انهن جي خريد ۽ وڪرو آئين جي ڀڃڪڙي آهي. هن چيو ته اسان فري اينڊ فيئر چوندن جي لاءِ ڪوششون ڪريون پر پهريان اسان جي اميدوارن جي خلاف ڪريڪ ڊائون ٿيو ۽ 5 ڏينهن جي اندر 3 سزائون ڏنيون ويون. عوام کي پيغام ڏنو ويو ته خان صاحب ڊگهي وقت جي لاءِ جيل وڃي چڪو آهي اوهان ڪنهن ٻئي پارٽي کي ووٽ ڏيو پر اسان جي پارٽي کي نشان کان سواءِ ۽ اڳواڻن کي جيلن ۾ هجڻ جي باوجود عوام طوفان وڏو مينڊيٽ ڏنو ويو آهي. بيرسٽر گوهر چيو ته اسلام آباد جون 3 سيٽون کٽي چڪا آهيون، بلوچستان مان 4 سيٽون کٽيون آهن، پنجاب ۾ 115 سيٽون کٽي چڪا آهيون جڏهن ته سنڌ ۾ 16 ۽ ڪي پي ڪي ۾ 44 سيٽون کٽيون آهن ان ڪري عوام جي ووٽ جو احترام ڪيو وڃي، هن چيو ته عوام جي ووٽ جي ڳڻپ

ڪريو جيڪي نتيجا آهن انهن کي تسليم ڪريون هاڻ عوام جي ڏنل مينڊيٽ سان پي ٽي آءِ پنهنجي حڪومت ناهڻ جي ڪوشش ڪندي. ڪي پي ڪي ۾ وڏي وزير جي لاءِ علي امين گنڊاپور کي نامزد ڪيو ويو آهي وزيراعظم، اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي نالن جو اعلان به جلد ڪنداسين.

بقايا 07

جي ٻڌڻي ڪئي. عليما خان جي وڪيل شيراز رانجها درخواست ڪئي ته ايف آءِ اي وٽ اهڙو ڪو به مواد ناهي، جيڪو سائبر ڪرائم جو بنياد هجي. عليما خان خلاف هلندڙ انڪوائري يا شڪايت کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي. جنهن تي چيف جسٽس عامر فاروق چيو ته پهرين رپورٽ طلب ڪئي وڃي. ڏسون ته انڪوائري آهي يا صرف شڪايت. چيف جسٽس عامر فاروق ريمارڪس ڏنا ته ايف آءِ اي عليما خان خلاف انڪوائري يا شڪايت جا تفصيل اڄ ئي فراهم ڪري. ٻڌڻي دوران اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ريمارڪس ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ايف آءِ اي وٽ ڪا شڪايت يا انڪوائري آهي ته ان جي رپورٽ عليما خان کي فراهم ڪئي وڃي، ايف آءِ اي عليما خان خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪري. بعد ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عليما خان جي وڪيل کي چيو ته رپورٽ جي ڪاپي ملي ته ايف آءِ اي ۾ جواب جمع ڪرايو.

بقايا 08

سياست کي زنده رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ڏيندي پي ٽي آءِ ترجمان چيو ته پي ڊي ايم جي پرزن عوام کي دوکو ڏيڻ لاءِ نئون ناٽڪ شروع ڪري ڇڏيو. هن چيو ته زرداري جي فرزند جي سوچ جمهوري هجي ها ته جاتي امرا وارن جي حمايت نه ڪري ها. عوامي مينڊيٽ تسليم ڪرڻ جي حوالي سان زرداري جي فرزند جي جماعت ڪاري تاريخ رکي ٿي. پي ٽي آءِ ترجمان موجب پ پ ۽ ن ليگ هڪ سڪي جا ٻه پاسا آهن. پ پ ۽ ن ليگ معيشت جي تباهي جون ذميوار آهن. حڪومت سازي يا اپوزيشن جي معاملي ۾ پي ٽي آءِ اڪثريتي مينڊيٽ رکي ٿي.

بقايا 09

آهي پر اهو به پهريون ڀيرو قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊجيو آهي. جوشيلي تقريرن سان مشهوري ماڻيندڙ ليگي اڳواڻ عطا تارڙ به پهريون ڀيرو قومي اسيمبلي جو حصو بڻجو آهي. پراڻو سياسي رانديگر عون چوڌري به پهريون ڀيرو اسيمبلي جي ميمبر طور حلف کڻندو پنجاب اسيمبلي ۾ به پهريون ڀيرو ڪيترن ئي نون چهرن جي انٽري ٿيندي. تحريڪ انصاف جو شيخ امتياز ۽ علي امتياز وڙائچ پهريون ڀيرو ميمبر چونڊجيا آهن. حافظ فرحت عباس، فرخ جاويد مون ۽ مصباح واجد به پهريون ڀيرو ايم پي اي چونڊجيو آهي. مسلم ليگ(ن) جو خالد پرويز ۽ عرفان شفيع کوکر به پنجاب اسيمبلي جو ميمبر چونڊجيو آهي. ايوان ۾ ايندڙ انهن نون چهرن جي سياسي جدوجهد ته ڪافي وقت جاري آهي پر ايوان ۾ پهريون ڀيرو عوامي نمائندگي جا خواب پورا ڪندي نظر ايندو.

بقايا 10

موجب نگران حڪومت آءِ ايم ايف کي مطمئن ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي. عالمي مالياتي اداري صنعتي شعبي لاءِ بجلي ٽيرف گهٽ ڪرڻ جو پلان رد ڪرڻ سان گڏ گردشي قرض ۾ گهٽتائي جي پلان تي به عدم اعتماد جو اظهار ڪيو آهي. نائي واري وزارت جي ذريعن موجب آءِ ايم ايف چيو آهي ته صنعتي شعبي جي ٽيرف ۾ گهٽتائي جي تجويز سان غريب گهريلو واهپيدارن تي بار وڌندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف سان ڳالهين ۾ پاور ڊويزن حڪومتي ڊسڪوز جي صلاحيت ۾ بهتري ۽ بجلي چوري روڪڻ جو اثرائتو پلان پيش نه ڪري سگهيو.

بقايا 11

تازو چوندن ۾ پ پ جي ٽڪيٽ تان ڪاميابي ماڻيندڙ عبدالعزيز جوڻيجو ڪافي وقت کان آغا خان اسپتال ڪراچي ۾ ڪينسر سبب علاج ڪرائي رهيو هو جيڪو اڄ موذي مرض سان جنگ ڪندي اڄ زندگي جي جنگ هارائي ويٺو. اڳوڻي ايم پي اي عبدالعزيز جوڻيجو جي وفات تي خيرپورناٿن شاهه ۽ مختلف شهرن ۾ هن وقت ڏک جي لهر ڇانئجي وئي آهي.

بقايا 12

جماعت اسلامي اميدوار سردار خان جي ڪاميابي شڪست ۾ تبديل ٿي وئي، پي ٽي آءِ جو حمايت يافته آزاد اميدوار اجمل خان 16712 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو. جڏهن ته سردار خان 8128 ووٽن سان ٻئي نمبر تي رهيو ان کانسواءِ پي ڪي 20 ۾ به شروعاتي نتيجن ۾ ڪامياب قرار ڏنل جماعت اسلامي جو اميدوار مولانا وحيد گل هارائي ويو سرڪاري نتيجي موجب پي ٽي

آءِ جو حمايت يافته آزاد اميدوار انور زيب خان 12903 ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو. جڏهن ته جماعت اسلامي جو اميدوار مولانا وحيد گل 6869 ووٽن سان ٻئي نمبر تي رهيو ان کان اڳ پي ڪي 17 ۾ به جماعت اسلامي جو اميدوار ڪامياب ٿيو هو پر ٻيهر ڳڻپ ۾ هو هارائي ويو. اليڪشن ڪميشن جي شروعاتي نتيجن موجب جماعت اسلامي 3 سيٽون کٽڻ ۾ ڪامياب ٿي هئي. هاڻ وڌيڪ ٻه سيٽون هارائڻ کانپوءِ جماعت جي ايندڙ اسيمبلي ۾ نمائندگي ختم ٿي وئي آهي. هوڏانهن تحريڪ انصاف وري جماعت اسلامي سان گڏجي خيبر پختونخواهه ۾ حڪومت ناهڻ جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا 13

ڪوبه اتحاد نه ٿيندو ان کان علاوه سمورين پارٽين سان ڳالهيون ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. عمران خان چيو ته جن کي ولي آيا آهن اهي سڀني کان وڏا مني لانڊر آهن. چوندن سان ملڪ ۾ معاشي استحڪام ايندو آهي پر 8 فيبروري جي چوندن دوران ٿيل ڌانڌلي سان ملڪ ۾ معاشي عدم استحڪام ايندو هڪ سوال جي جواب ۾ عمران خان چيو ته خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير علي امين گنڊاپور هوندو ياد رهي ته علي امين گنڊاپور 8 فيبروري جي عام چوندن ۾ اين اي 44 تان 93،443 ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو هو جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان کي شڪست ڏني هئي.

بقايا 14

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوٽريس پاڪستان کي چوندن بعد پيش ايندڙ مسئلن کي قانوني طريقي سان حل ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل پاڪستاني عملدارن سان ملڪي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. انتونيو گوٽريس ٻڌايو ته اسان پاڪستان جي صورتحال تي نظر رکي رهيا آهيون. چوندن ڪانپوءِ سڀني مسئلن کي طئي ٿيل طريقيڪار ذريعي حل ڪريو. ڪنهن به اهڙي ڪارروائي کان پاسو ڪيو وڃي. جيڪا ڇڪتاڻ جو سبب بڻجي ۽ انساني حقن، قانون جي حڪمراني لاءِ عوام جي مفاد جو مڪمل احترام ڪيو وڃي. گڏيل قومن جي سربراهه ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال کي قائم رکڻ تي به زور ڏنو هن پاڪستاني عملدارن ۽ سياسي اڳواڻن کي اپيل ڪئي ته اهي پرسڪون ماحول کي برقرار رکڻ ۽ هر قسم جي تشدد کي رد ڪن.

بقايا 15

جو احترام ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته اسان کي عوام جي مينڊيٽ جو احترام ڪرڻ گهرجي. پي ٽي آءِ جي حامي آزاد اميدوارن کي ن ليگ ۾ شامل ڪرڻ غلط آهي.

بقايا 16

اها مستحڪم هجي. هر پارٽي جا پنهنجا مقصد آهن. اتحادي حڪومت ناهڻ ڪو آسان ڪم ناهي. ان موقعي تي اتحادي حڪومت ۾ بارگيننگ جاري رهندي آهي. ان لاءِ وڏيون وزارتون استعمال ڪيون وينديون. هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته جيڪا به حڪومت ٺهي اها مستحڪم هجي

بقايا 17

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريمارڪس ۾ چيو ته واقعي بابت هيءَ رپورٽ ڏسڻ کانپوءِ مون کي شرمندگي ٿي رهي آهي. ٻين هنڌن تي وڃي اسلاموفوبيا جا دهل وڄايون ٿا. اسان پاڻ هتي ڇا ڪري رهيا آهيون. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته ڀارت ۾ جيڪو مسلمانن سان ٿي رهيو آهي ڇا اهو هتي ڪابي ڪرڻ چاهيون ٿا؟ چيف جسٽس سوال ڪيو ته جڙانوالا واقعو ڪڏهن ٿيو ۽ هيل تائين ڪيترا ماڻهو پڪڙيا ويا آهن؟ ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل پنجاب چيو ته جڙانوالا واقعو 16 آگسٽ 2023 تي ٿيو. 22 ڪيس درج ڪري 304 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو. ايس پي انويسٽيگيشن چيو ته مسلمان ڪميونٽي اجلاس ڪري فيصلو ڪيو ته توهين مذهب تي ڪارروائي ڪيو. چيف جسٽس چيو ته پوليس پنهنجي اکين آڏو سڀ ڪجهه سڙندي ڏٺو؟ جڙانوالا ۾ بهادر پوليس ويهي تماشو ڏسندي رهي

بقايا 18

انوارالحق ڪاڪڙ کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ بلوچ شاگردن جي بازياب نه ٿيڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جسٽس محسن اختر ڪياني ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران اسسٽنٽ اٽارني جنرل عثمان گهمن استدعا ڪئي ته اٽارني جنرل اڄ موجود نه آهي ان ڪري ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪئي وڃي جنهن کي عدالت رد ڪري ڇڏيو. ٻڌڻي دوران ايڊووڪيٽ جنرل پنهنجي موقف ۾ چيو ته اسان کي هن ڪيس ۾ وڌيڪ

وقت گهرجي جنهن تي جسٽس محسن اختر ڪياني چيو ته اها ته منهنجي مهرباني آهي جو مان ٻنهي ڊي جيز کي نه پيو گهرايان. نگران وزيراعظم سومر تي 10 وڳي پاڻ پيش ٿئي. جسٽس محسن اختر ڪياني ريمارڪس ڏنا ته جبري گمشدگي لاءِ موت جي سزا هجڻ گهرجي. جبري گمشدگين ۾ ملوث ماڻهن کي 2 ڀيرا موت جي سزا ملڻ گهرجي. جنهن کان پوءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بلوچ شاگردن جي بازياب نه ٿيڻ واري ڪيس ۾ سومر تي 10 وڳي نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي 19 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 19

مخالفت ڪري ڇڏي آهي. پنهنجي بيان ۾ خورشيد شاهه چيو ته (ن) ليگ ۽ پيپلز پارٽي اقتدار حاصل ڪرڻ جي لاءِ آزاد اميدوارن کي پاڻ سان گڏ ملائڻ لاءِ نهن چوٽي جو زور لڳائي رهي آهي. پيپلز پارٽي ڪنهن ٻئي پارٽي جي چونڊيل ميمبرن کي شامل نه ڪندي ان ڪري پي ٽي آءِ جي حمايت يافته اسيمبلي ميمبرن کي توڙڻ نه گهرجي. هن چيو ته نوازشريف کي اخلاقي طور تي وزيراعظم جي عهدي جو اميدوار نه بنجڻ گهرجي. وزيراعظم جي عهدي لاءِ شهباز شريف يا اياز صادق متبادل اميدوار ٿي سگهن ٿا. نوازشريف جي چوند کٽڻ تي ڪيترائي سوال سامهون اچي رهيا آهن ۽ اهو تاثر اچي رهيو آهي ته انهي کي کٽرايو ويو آهي. پ پ اڳواڻ چيو ته اصل مينڊيٽ انهن ميمبرن وٽ نه پر عوام جي هٿن ۾ آهي. مسلم ليگ نواز کي به تعداد جي بنيان پچڻ نه گهرجي. نوازليگ کي پنهنجي نعري ووٽ کي عزت ڏيو جو ڀرم رکڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته اهو جمهوريت جي خلاف آهي ته اسان وزيراعظم جي عهدي جو مدو پاڻ ۾ ورهائي وٺون. جمهوريت ۽ رياست جي استحڪام جي لاءِ ضروري آهي ته عوام جي مينڊيٽ کي نه چيڙيو وڃي ڪنهن جي مينڊيٽ سان کيڏڻ عوام جي جذبن سان کيڏڻ جي برابر آهي. ان ڪري پيپلز پارٽي پنهنجو فيصلو زبردستي نه مڙهيندي پر رياست جو مفاد سامهون رکي اڳيان وڌندي.

بقايا 20

ختم ڪريو پي ٽي آءِ باني کان سواءِ حڪومت ۽ جمهوريت نٿي هلي سگهي. ملڪ جي وڏي سياسي پارٽي کي اوهان مائنس نٿا ڪري سگهو. اليڪشن ڪميشن جي ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي هن چيو ته اسان جي پولنگ ايجنٽس کي ووٽن جي ڳڻپ دوران ٻاهر ڪڍيو ويو. چوندن ۾ تحريڪ انصاف جا هٿ پير ٻڌي جنگ جي ميدان ۾ لاٿو ويو. عوام ڪين ٻڌائي ڇڏيو ته ظلم جو بدلو ووٽ سان وٺنداسين عوام عام چوندن ۾ ظلم جو بدلو ووٽ سان وٺي ڇڏيو. هن چيو ته پي ٽي آءِ باني متان هڪ ٻئي بنيان پابنديون لڳايون ويون. عوام ٻڌايو ته پي ٽي آءِ باني نه باغي آهي نه وري ڏوهاري ان کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي. پي ٽي آءِ باني کي هڪ هفتي ۾ 3 سزائون ڏنيون ويون آهن. پي ٽي آءِ باني جي سزائن کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي. اسان آزاد نه آهيون اهو شوشو انهن ڪهڙي طرح ايجاد ڪري ڇڏيو اسان نامزدگي ڪاغذن تي پي ٽي آءِ لکيو هو اسان کان صرف بيٽ ورتي وئي. اسان بيٽ وٺڻ وياسين هنن سمورو جهيز جو سامان ڏئي ڇڏيو هن اليڪشن ۾ ووٽرز پاڻ اميدوار کي ڳولي رهيا هئا. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته اسان کي آزاد چوڻ غير قانوني ۽ غير آئيني آهي. فارم 45 موجب اسان جا 170 اميدوار کٽي رهيا آهن. اسان جي گهر آهي ته آرٽيڪل 45 موجب نتيجن جو اعلان ڪريو اين اي 163 بهاولنگر ۾ پي ٽي آءِ پهريون نمبر ۽ مسلم ليگ ٻئين نمبر تي آهي. جيڪو 45 هزار ووٽن تان شڪست کائي رهيو آهي ان کي کٽرايو ويو آهي. لطيف کوسه چيو ته خواجه سعد رفيق جمهوري روايتن کي سامهون رکندي پنهنجي شڪست کي مڃيو خواجه سعد رفيق مون کي فون ڪري مبارڪباد ڏني. مون خواجه سعد رفيق کي چيو ته پنهنجن وڏن کي به اهڙيون روايتون ڏيو خواجه آصف، ريحانه ڊار شڪست کائي ويا، انهن کي هاڻ شڪست مڃڻ گهرجي. خواجه آصف اسيمبلي ۾ چوندو هو ڪا شرم هوندي آهي، ڪا حيا هوندي آهي. مان خواجه آصف کي چوڻ چاهيان ٿو ته ڪا شرم هوندي آهي ڪا حيا هوندي آهي. هن چيو ته اسان جا 60 رزلٽ چوري ڪري ويا انهن جا به اسان وٽ فارم موجود آهن. اسان جا 170 ماڻهو کٽي رهيا آهن. اسان جي پي ٽي آءِ ميمبرن جون پوريون 170 سيٽون آهن حيرت آهي هن پارٽين وچ ۾ ورهاست ٿي رهي آهي اهو جمهوريت سان ڪهڙو مذاق ٿي رهيو آهي؟ هن ملڪ جي آئين ۽ جمهوريت سان راند کيڏي پئي وڃي جن کي عوام مينڊيٽ ئي نه ڏنو آهي اهي ڪيئن ورهاست ڪري سگهن ٿا؟ لطيف کوسه چيو ته عوام پي ٽي آءِ جي حق ۾ فيصلو ڏنو آهي. اوهان کي پي ٽي آءِ باني کي

واپس آڻڻو پوندو، پي ٽي آءِ باني ئي اسان جي ملڪ جو وزيراعظم هوندو. اسان کي ڪنهن سان به ويهڻ جو مسئلو نه آهي. سياست ۾ ڪڏهن به ڳالهين جا دروازا بند نٿا ٿي سگهن. اسان سان ڳالهيون ڪرڻيون آهن ته جمهوريت کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڳالهيون ڪريو. پاور پوليٽڪس لاءِ ڳالهائڻو آهي ته پي ٽي آءِ اهڙي سياست ناهي ڪندي. اسان اڪثريت ۾ آهيون، ڪنهن سان به اتحادي حڪومت جو ناهيون؟

بقايا 21

ٽڪري آيو. پرڏيهي ميڊيا موجب دبئي، ابوظهبي، شارجه ۾ برسات بيهڻ بعد اُس نڪري آئي آهي. دبئي ۾ سمورين اهم شاهراهن تان پاڻي مڪمل نيڪال ٿي چڪو آهي. ان کانسواءِ مختلف تعليمي ادارن مان به پاڻي نيڪال ڪيو ويو آهي. پاڻي جي نيڪالي لاءِ ٽينڪرز جو استعمال ڪيو ويو.

بقايا 22

پئسا في ليٽر مهانگو ٿيڻ جو امڪان آهي جڏهن ته لائٽ ڊيزل آئل 2 رپيه 82 پئسا في ليٽر مهانگو ٿي سگهي ٿو گاسليٽ جي في ليٽر قيمت ۾ 1 رپيه 70 پئسا اضافي جو امڪان آهي. جڏهن ته پيٽرول جي قيمت برقرار رکي سگهجي ٿي. ذريعن موجب پاڻ جي تيل جي قيمت گذريل 15 ڏينهن دوران 77 ڊالر کان 82 ڊالر 7 سينٽ تائين رهي

بقايا 23

ٽي ريڊيو پاڪستان تي انگريزي خبرنامو پڙهي هڪ نئين تاريخ لکي ڇڏي اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير ريڊيو پاڪستان تي پهريون هڪ وڳي جو خبرنامو پڙهي اهو پيغام ڏنو ته حڪومت ريڊيو کي هڪ اهم اطلاعات جي ذريعي طور ڏسي ٿي نگران وفاقي وزير جو اهو قدم ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته حڪومت ريڊيو جي نشريات کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ پرعزم آهي. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير جو اهو قدم ريڊيو پاڪستان کي هڪ قومي نشرياتي اداري طور مضبوط ۽ پاڪستان ۾ ڊيجيٽل ريڊيو جي نشر ۽ اشاعت کي فروغ ڏيڻ ۾ مدد ڏيندو. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير ريڊيو پاڪستان جي پوڊ ڪاسٽ پروگرام ۾ به شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته حڪومت ريڊيو پاڪستان کي مضبوط ۽ ان کي رابطي جو هڪ وڌيڪ موثر ۽ متحرڪ ذريعو بڻائڻ جي لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته حڪومت ڊيجيٽل ريڊيو جي نشريات کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ به ڪم ڪري رهي آهي. هن چيو ته ريڊيو پاڪستان قومي نشرياتي ادارو آهي جنهن جي ڊگهي ۽ شاندار تاريخ آهي. ريڊيو پاڪستان سدائين قومي يڪجهتي ۽ هم آهنگي کي فروغ ڏيڻ ۾ قائداڻو ڪردار ادا ڪيو آهي. واضح رهي ته ريڊيو پاڪستان ملڪ جو سڀ کان پراڻو ۽ سڀ کان وڏو نشرياتي ادارو آهي، جنهن جو مختلف زبانون ڳالهائيندڙ ٻڌندڙن جو هڪ وڏو انگ آهي ريڊيو جو عالمي ڏينهن هر سال 13 فيبروري تي ملهايو وڃي ٿو

بقايا 24

مالي فراڊ ڪيس ۾ گرفتاري ڪانپوءِ واري ضمانت منظور ڪري ورتي. سول جج ڊاڪٽر سهيل، فواد چوڌري جي ضمانت واري درخواست تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو. عدالت فواد چوڌري جي هڪ لک رپين جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪري ورتي.

بقايا 25

بروقت فيصلن جا ثمر سامهون اچي رهيا آهن. ٻن مهينن دوران آءِ ٽي جي برآمدات ۾ 32 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. جيڪو هڪ رڪارڊ آهي. 10 ارب ڊالرن جي ايڪسپورٽ جو هدف آهي. پڻ حاصل ڪيو ويندو. اهڙن خيالن جو اظهار ڊاڪٽر عمر سيف لاهور ۾ آءِ ٽي ايڪسپورٽ ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ 550 ڪمپنين جي ايوارڊز تقريب جي موقعي تي خاص مهمان طور پنهنجي خطاب ۾ ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته معاشي استحڪام ۾ آءِ ٽي انڊسٽري جي اهميت بنيادي آهي ان ڪري هي صنعت سهولتن ۽ انعامن جي مستحق آهي. بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ڪمپنين کي نقد انعام ۽ خصوصي ايوارڊ پڻ ڏنا ويا آهن. ڊاڪٽر عمر سيف چيو ته آءِ ٽي ماهرن جي خدمتن جي مهرباني سان پاڪستان وڏي پيماني تي پرڏيهي مٽاسٽا حاصل ڪري رهيو آهي. 10 ارب ڊالرن جي آءِ ٽي ايڪسپورٽ جو هدف به حاصل ڪيو ويندو.

بقايا 26

۾ 26 آڪٽوبر 2023ع تي ڀارتي اهلڪارن کي موت جي سزا ٻڌائي وئي هئي جنهن کان پوءِ سنڌن سزا کي عمرقيد ۾ تبديل ڪيو ويو هو.

اهي اهلڪار آڪٽوبر 2022ع کان قطر جي جيل ۾ هئا. پرهاڻي قطر جاسوسي جي الزام ۾ موت جي سزا ماڻيندڙ 8 اڳوڻي ڀارتي نيوي جي اهلڪارن کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي. انهن مان 7 اهلڪار ڀارت واپس اچي چڪا آهن. قطري عدالت 8 ئي اڳوڻي ڀارتي نيوي جي اهلڪارن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ڀارتي پرڏيهي وزارت پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته قطر ۾ گرفتار ڀارتي شهرين جي آزاديءَ جي آجيان ڪريون ٿا. شهرين جي آزادي ۽ سنڌن گهر واپسي کي يقيني بڻائڻ لاءِ قطر جي امير جي فيصلي جي ساراهه ڪريون ٿا.

بقايا 27

نظام ۾ پهريون مناسب قدم هوندو. وڌيڪ اپائن جي ضرورت پئي ته غور ڪري سگهجي ٿو ميٿيو ملر چيو ته آمريڪا جمهوري عمل جو احترام ڪري ٿو عوام جي چونڊيل حڪومت سان گڏجي ڪم ڪنداسين. هن چيو ته پاڪستاني حڪومت سان ڌانڌلي تي خدشن جو اظهار ڪيو آهي، پاڪستاني حڪومت کي چيو آهي ته چوند نتيجن جو احترام ڪن. سنڌس چوڻ هو ته قانون جي حڪمراني ۽ اظهار جي آزادي تي زور ڏيون ٿا. تشدد، انٽرنيٽ ۽ فون سروس بندش جي مذمت ڪريون ٿا.

بقايا 28

اڪرام چوڌري چيو ته هائوڪو ڪيس 6 گردوارن جو آهي. سڄي ملڪ جا تفصيل گڏيل ٻڌڻين ۾ جمع ڪرائي چڪا آهيون. چيف جسٽس چيو ته سچ عوام آڏو آڻڻ کان ڇو روڪيو پيو وڃي؟ وڪيل اڪرام چوڌري چيو ته سمورين حقيقتون عدالت کي ڏئي چڪا آهيون. چيف جسٽس چيو ته عدالت جو ڪجهه ته احترام ڪيو. اڪرام چوڌري چيو ته عدالت به وڪيل طور منهنجو احترام ڪري. چيف جسٽس وڪيل اڪرام چوڌري کي روسٽرم تان هٽڻ جي هدايت ڪندي چيو ته اخلاق ته ختم ٿي ويو آهي. وڪيل اڪرام چوڌري چيو ته وڪالت ڪندي 35 سال ٿي ويا آهن. توهان سمجهو ٿا ته اخلاقيات رڳو توهان کي اچي ٿي. بار جو سينيئر ميمبر آهيان. مون کي به عزت ڏني وڃي. چيف جسٽس چيو ته اسان کي توهان سان نه پر اويڪيو ٽرسٽ بورڊ جي چيئرمين سان ڳالهائڻو آهي. عدالت پاران ملڪ جي سمورن مندرن ۽ گردوارن جا تصويرن سميت تفصيل ويب سائيٽ تي جاري ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. چيف جسٽس چيو ته اويڪيو ٽرسٽ جون زمينون قبضايون وڃن ٿيون. ان ڪري حقيقتون لڪايون پيون وڃن. پهرين عدالت تي چڙهائي ڪيو ۽ پوءِ جج کي سوال به پڇڻ نه ڏيو

بقايا 29

۽ ڌرڻا جاري آهن سکر، تنگواڻي، مورو، ميهڙ، ڪنڌڪوٽ، سنڌڙي، ٽري ميرواهه ۽ ٽنڊو باگو ۾ پريس ڪلبس آڏو احتجاج ۽ ڌرڻا هنيا ويا آهن. سکر ۾ مسجد منزل گاهه کان جي يو آءِ ڪارڪنن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، چوندن ۾ ڌانڌلين خلاف نعريبازي، ڌانڌلين وارن ٽڪن تي ٻيهر چوندون ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا 30

کي بازياب ڪرائي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو پيرن جي حويلي مان گم ٿي ويل ثنا گراماڻي جي بازيابي لاءِ سنڌس پيءُ ديدار گراماڻي جي داخل ڪرايل درخواست جي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي جسٽس ارشاد علي شاهه تي ٻڌل سنگل بئنچ ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران ايس ايس پي خيرپور سميع الله سومرو ۽ ٻيا واسطيدار عملدار پيش ٿيا. عدالت ثنا گراماڻي جي ڪيس ۾ ضمانت تي آزاد جوابدار سهيل شاهه جي پيش نه ٿيڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. وڪيل موجب پيرن جي حويلي مان ثنا گراماڻي لاپتا ٿي وئي آهي گهڻو عرصو گذرڻ باوجود ان کي پوليس بازياب ناهي ڪرايو. ثنا گراماڻي جي حياتي خطري ۾ آهي بازياب ڪرائي ڏني وڃي. ايس ايس پي سميع الله سومرو عدالت کي درخواست ڪئي ته 15 ڏينهن مهلت ڏني وڃي ثنا گراماڻي کي پيش ڪيو ويندو.

بقايا 31

شخص آن لائين ڪاروبار ڪندو هو پوليس موجب چڪوال جي مزدلد ٽائون ۾ شفقت نالي شخص پنهنجي زال ٻارن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ بعد ۾ پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏيو. قتل ٿيندڙ ٻارن ۾ 2 پٽ ۽ 2 ڌيئرون شامل آهن. مقتولن جي لاشن کي پوسٽ مارٽم جي لاءِ ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽرز اسپتال چڪوال منتقل ڪيو ويو پوليس اختيارين موجب ظاهري طور تي معاملو گهريلو تڪراري لڳي رهيو آهي پر پوليس مختلف رخن کي نظر ۾ رکندي جاچ ڪري رهي آهي، مقامي ميڊيا موجب محمد شفقت ولد محمد سليم ون فائيو تي فون ڪري ٻڌايو ته مون پنهنجي ٻارن ۽ گهرواري کي قتل

ڪري ڇڏيو آهي جنهن کان پوءِ هن پنهنجو پاڻ کي به گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏيو آپگهات ڪندڙ شخص جي گهرواري جي عمر 50 کان 55 سال جڏهن ته 2 ڌيئرن جي عمر 14 کان 16 ۽ ٻن پٽن جي عمر 13 کان 7 سال ٻڌائي پئي وڃي. شروعاتي جاچ موجب شفقت گهريلو حالتن کان تنگ اچي پنهنجي خاندان کي ختم ڪيو اهو آن لائين ڪاروبار ڪندو هو جنهن ۾ نقصان سبب ذهني دٻاءُ جو شڪار هو

بقايا 32

جي ڇهين کيپ مصر پهچي وئي. امدادي سامان ڪراچي ايئرپورٽ کان خاص جهاز ذريعي العريش ايئرپورٽ مصر پهچايو ويو. جيڪو پوءِ رفح رستي غزا پهچايو ويندو ڪراچي ايئرپورٽ تان امدادي سامان جي روانگي جي تقريب ۾ پاڪستان ۾ مقرر فلسطين جي سفير احمد ربيعي، الخدمت فائونڊيشن پاڪستان جي صدر ڊاڪٽر حفيظ الرحمان، نائب صدر اعجاز الله خان، الخدمت ڪراچي جي منظر عالم ۽ ٻين ذميوارن سميت اين ڊي ايم اي جي عهديدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 33

اسپتال ۾ مدر چائلڊ هيلٿ ڪيئر بلاڪ جو افتتاح ڪيو مدر چائلڊ هيلٿ ڪيئر جي افتتاحي تقريب ۾ ميمبر بورڊ ڊاڪٽر سليمان شيخ، ميمبر بورڊ پي پي ايڇ آءِ نثر ميمڻ، سي اي او سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن ڊاڪٽر احسن قوي، سي اي او پي پي ايڇ آءِ جاويد علي جاگيراڻي، چيف آپريٽنگ آفيسر پي پي ايڇ آءِ رياض حسين راهوجو، ڊي ايڇ او ملير ڊاڪٽر امداد چنڊ، ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن پي پي ايڇ آءِ شوڪت لاکو، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر پي پي ايڇ آءِ ڊاڪٽر ساجد شفيق، انجنيئر پي پي ايڇ آءِ اسدالله ڏاهري ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي چيئرمين فضل الرحمان چيو ته ايم ايڇ سي بلاڪ 32 بسترن تي مشتمل آهي. جنهن کي جلد 50 بسترن تائين مڪمل ڪيو ويندو ۽ وڌيڪ چيو ته هي عمارت غير فعال ٿي رهي هئي عمارت کي جديد سهولتن سان آراسته ڪيو ويو آهي. بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي چيئرمين فضل الرحمان وڌيڪ چيو ته ملير سميت مختلف اسپتالن کي 17 ايمبولينسون ڏنيون پيون وڃن

بقايا 34

ناهي، اسان کي مينڊيٽ ناهي مليو ته وزارت عظميٰ جو اميدوار ناهيان. سنڌس چوڻ هو ته اسان مرڪز ۾ پاڻ حڪومت ناهڻ جي پوزيشن ۾ ناهيون، پي ٽي آءِ چئي چڪي آهي ته پ پ سان ڳالهه ٻولهه نه ڪندي، ن ليگ واحد جماعت آهي، جنهن اسان کي مرڪز ۾ حڪومت ۾ شموليت جي دعوت ڏني. بلاول ڀٽو زرداري موجب اسان فيصلو ڪيو آهي ته ان پوزيشن ۾ ناهيون ته وفاقي حڪومت جو حصو بڻجون، اسان وفاقي حڪومت ۾ وزارتون نه وٺنداسين پر ن ليگ جي وزارت عظميٰ جي اميدوار کي ووٽ ڏينداسين. هن چيو ته اسان 18 مهينا ن ليگ جي حڪومت جو حصو رهياسين، جنهن ۾ پارٽي کي شڪايتون ٿيون پر چاهيون ٿا ته حڪومت سازي جلد مڪمل ٿئي ۽ ملڪ بحران مان نڪري. نٿا چاهيون ته ملڪ هڪ ٻي اليڪشن ڏانهن وڃي. پ پ چيئرمين چيو ته عوام چوندن ۾ حصو ورتو. عوام وڌيڪ سياسي عدم استحڪام نٿو چاهي. سي اي سي ميمبرن ن ليگ جي حوالي سان ڪيترائي اعتراض اٿاريا. هنن چيو ته 18 مهينن ۾ اسان جا ڪم نه ٿيا، چوندن جي نتيجن کي احتجاج سان گڏ قبول ڪنداسين. سنڌس چوڻ هو منهنجي خواهش آهي ته آصف زرداري ملڪ جو صدر بڻجي، ملڪ ۾ هن وقت هڪ ٻاهه ٻريل آهي، خواهش آهي ته آصف زرداري صدر بڻجي ۽ ان ٻاهه کي وسائي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پ پ سينيٽ چيئرمين، صدر ۽ اسپيڪر لاءِ اميدوار بيهاريندي. خواهش آهي ته آصف زرداري صدر جي عهدي لاءِ اليڪشن ۾ حصو وٺي.

بقايا 35

نظام ۾ پهريون مناسب قدم هوندو. وڌيڪ اپائن جي ضرورت پئي ته غور ڪري سگهجي ٿو ميٿيو ملر چيو ته آمريڪا جمهوري عمل جو احترام ڪري ٿو عوام جي چونڊيل حڪومت سان گڏجي ڪم ڪنداسين. هن چيو ته پاڪستاني حڪومت سان ڌانڌلي تي خدشن جو اظهار ڪيو آهي، پاڪستاني حڪومت کي چيو آهي ته چوند نتيجن جو احترام ڪن. سنڌس چوڻ هو ته قانون جي حڪمراني ۽ اظهار جي آزادي تي زور ڏيون ٿا. تشدد، انٽرنيٽ ۽ فون سروس بندش جي مذمت ڪريون ٿا.

بقايا 01 سنڌيار

واري اطلاع تي بادو شيدي جي گهر جو گهيراءُ ڪيو. پوليس جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿي، ته فائرنگ شروع ٿي وئي. پوليس جي دعوي موجب هڪ جوابدار رسولي ڪلو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پوليس جي فائرنگ سبب محمود واهه واري علائقي ۾ سخت ڏهڪاءُ پکڙجي ويو. پوليس موجب زخمي جوابدار رسولي ڪلو کي ميرپوربٺورو اسپتال آڻڻ بعد ڪيس ڪراچي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو. ڏڙو پوليس جي ايس ايڇ او ديدار بروهي موجب زخمي جوابدار رسولي ڪلو تازو ڏڙو ۾ سجاول جي واپارين کان 3 لک روپيا ڦر سميت ٻين ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو. جوابدار رسولي ڪلو جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي ڪئي رئي. ته جوابدار پوليس تي فائرنگ ڪئي جوابي فائرنگ ۾ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف پوليس مقابلي ۾ زخمي جوابدار جي چاچي وزير ڪلو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڀائيٽو رسولي ڪلو شادي جا ڪارڊ ورهائي رهيو هو. پوليس منهنجي ڀائيٽي کي بيگناهه هاف فرائي ڪيو آهي. پوليس ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ بعد منهنجي ڀاءُ جي خلاف وڊيو بيان ڏياريو هو. جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي. هوڏانهن پوليس جي مبينا مقابلي جو اجا تائين ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي.

بقايا 02 سنڌيار

مقتول نوجوان پرياروڊ پرسان ڳوٺ جانهين متومل جو رهواسي هو قتل کان پوءِ ڦورو فرار ٿي ويا. پوليس لاش سول اسپتال نوشهرو فيروز آندو جتي ضروري ڪاروائي کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.

بقايا 03 سنڌيار

ٽرڪ ڊرائيور 30 ورهين جو عمران علي پٽ تنوير ڪرچ جي ٽڪر ۾ موقعي تي فوت ٿي ويو فوتي جي لاش کي خانوٽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي تعلقا مانجهند اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ت ڊرائيور ڪرچ کي ڇڏي فرار ٿي ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 04 سنڌيار

جڏهن ته غلط انگن اکرن ذريعي خانه پوري کان پاسو ڪيو وڃي، پوليو جي خاتمي لاءِ هڪ هڪ نقطي تي بحث بعد سائنسي بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي. هن اهڙن خيالن جو اظهار پنهنجي آفيس ۾ 26 فيبروري کان 03 مارچ تائين جاري پوليو مهم بابت سڏايل اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ ايڊيشنل ڪمشنر، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر، ڊبليو ايڇ او، پي پي ايڇ آءِ، لوڪل گورنمينٽ، ايجوڪيشن سميت ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن توڙي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.جڏهن ته ٽيمن توڙي مانيٽرز ۾ عورتن جي شرڪت ضروري آهي ان سلسلي ۾ اين جي اوز کان سهڪار حاصل ڪيو وڃي. صحت سان لاڳاپيل ادارا هڪٻئي سان سهڪار ۽ رابطي کي مضبوط ڪن. ڊيٽا شيئرنگ ۾ ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي. ان موقعي تي هن چيو ته هن سال پوليو جو ڪوبه ڪيس نه آهي انهي لاءِ بهتر آهي ته . مانيٽرنگ جي نظام ۽ معيار کي بهتر ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ ڪابه سوديبازي برداشت نه ڪئي ويندي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر فياض حسين مهيسر ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون ڪندي چيو ته پوليو پروگرام جي اصطلاحن ۽ سمورن نقطن کي بهتر نموني سمجهڻ جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته ٽيمن جي روانگي وقت سپروائيزرز وٽ مسنگ ۽ اين اي لسٽ هئڻ گهرجي جنهن تحت رهجي ويل ٻارڙن کي هٽ ڪري ڦڙا پيئارڻ کي يقيني بڻايو وڃي. 26 فيبروري کان 03 مارچ تائين هلندڙ پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سوشل ميڊيا جو استعمال سان گڏ آگاهي ريليون پڻ ڪڍيون وڃن.

بقايا 05 سنڌيار

ٿيل گهوٽ 28 ورهين جي عمران پٽ محمد ارشد گجر ۽ سندس 25 ورهين جي ڪنوار ساديه ڌيءُ شاهد گجر سندن گهر جي ڪمري ۾ مردا حالت ۾ مليا آهن وارثن موجب گذريل ڏينهن ٿي وليمي جي دعوت هئي گهوٽ ۽ ڪنوار رات جو 11 وڳي ماني کائي پنهنجي ڪمري ۾ سمهڻ لاءِ ويا هليا. صبح جو دير ٿيڻ سبب سندن گهر وارن ۽ مائٽن ڪمري جو دروازو کڙڪايو اندران ڪو به جواب نه ملڻ تي ڪمري جي دري کولي جهاتي پائي ڏٺو ۽ عمران ڪري سڏ ڪيا جنهن تي جواب نه ملڻ ڪري اسان کي ڊپ ٿي پيو جنهن تي پنهنجي عزيزن کي اطلاع ڪيو ۽ دروازي کي ٽوڙي اندر داخل ٿي ٻنهي زال مڙس کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٻئي فوت ٿيل هئا. فوت ٿيل زال مڙس جا لاش ڪٺائي تعلقه اسپتال گولاڙچي آندا ويا آهن. مائٽن پاران ٻڌايو پيو وڃي ته ڪمري جي اٽيچ باٿ روم ۾ گئس لڳل هئي جيڪا ليڪ هئڻ ڪري ڪمري ۾ ڀرجي پوڻ ڪري اهڙو واقعو پيش آيو آهي. اطلاع ملڻ تي گولاڙچي پوليس پهچي گهر جي ڪمري جو جائزو وٺڻ بعد تعلقي اسپتال پهچي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 06 سنڌيار

۾ مبينا ڌانڌلي جي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ جي يو آءِ جي ڪارڪنن سميت شهرين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جي يو آءِ سنڌ جي اڳواڻ مفتي سعود افضل هاليجوي قاري محمد فاروق شيخ، مفتي اعظم مهر، مفتي قمرالدين ملاڻو مولانا ابراهيم مهر، مولانا امان الله سکهروي سميت ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسان اليڪشن جي نتيجن کي رد ڪيون ٿا. سنڌ ۾ اليڪشن پر سليڪشن ٿي آهي. هنن چيو ته اليڪشن ڪميشن جا جاري ڪيل جعلي نتيجا قبول ناهن اليڪشن ڪميشن سمورن تڪن جو من پسند نتيجن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو عوام جي ووٽن سان خيانت آهي پرزائيڊنگ آفيسر پاران اليڪشن جي نتيجن جو ايجنٽن کي فارم 45 به نه ڏنو ويو آهي. اڳواڻن چيو ته اليڪشن ڪميشن جي يو آءِ اميدوارن جي مينڊيٽ کي چوري ڪيو آهي جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول نه آهي. سنڌ ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌلي ذريعي اسان جي ڪامياب اميدوارن کي هارايو ويو آهي. جمعيت علماءِ اسلام اليڪشن 2024 جي ڌانڌلي کي رد ڪندي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪري ٿي ته اليڪشن ڪميشن پاران مبينا ڌانڌلي واري عمل خلاف فوري طور تي نوٽيس وٺي عوام ۽ ڪارڪنن ۾ پيدا ٿيل پريشاني ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي ڌرڻن جو سلسلو جاري رهندو.

بقايا 07 سنڌيار

مظاهرو ڪيو ويو پريس ڪلب اڳيان ڪارڪنن جي وڏي انگ ڌرڻو هنيو جنهن جي اڳواڻي مولانا عبدالرحمان ڏنگراج , اڪرم پيرزادو ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا جيڪي شهر جي مختلف رستن تان ٿيندا پريس ڪلب پهتا جتي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 8 فيبروري تي اليڪشن نه پر سليڪشن ڪئي وئي آهي جنهن کي اسان ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين هن چيو ته 8 فيبروري جي ڏنل نتيجن کي نه مڃون چو ته اهي ڌانڌلي ڪرائي پنهنجي من پسندن کي ڪترائي رات جي پيٽ ۾ ڏنا ويا آهن جيڪي نتيجا رد ڪيون ٿا ۽ مطالبو ٿا ڪيون ته اليڪشن ڪميشن نوٽيس وٺي ٻيهر اليڪشن ڪرائي ٻي صورت ۾ احتجاج وسيع ڪيو ويندو

بقايا 08 سنڌيار

۾ ڪراچي ويندي رستي ۾ لاپته ٿي ويو جنهن جو موبائل نمبر بند ٿيڻ تي سندس مائٽ سخت پريشان آهن انهن انتظاميه سميت سڀني وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي چو جو پٽ جي گم ٿيڻ تي سندس ماءُ پيءُ سخت پريشان آهن

بقايا 09 سنڌيار

۽ ايس ايس پيز کي هدايت ڪئي آهي ته ڊويزن ۾ ڪنهن به واقعي جي صورت ۾ هنگامي طور تي ٽريفڪ جو متبادل روٽ مقرر ڪرڻ جي

رٿابندي ٺي سرڪئي وڃي ڪاتي جا تجربه ڪار روينيو ۽ پوليس جي آفيسرن جي خدمتون حاصل ڪري فيلڊ ۾ عملي طور مظاهرو ڪيو وڃي. ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي چيو ته گذريل ڏينهن هڪ ئي وقت ۾ سکر، خيرپور ۽ روهڙي جا روڊ رستا بلاڪ ٿي ويا جنهن سبب شهرين توڙي اسڪول جا شاگردن کي مشڪلات کي منهن ڏيڻو پيو هن سختي سان هدايت ڪئي ته مستقبل ۾ اهڙي صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پوليس ۽ روينيو آفيسرن گڏيل طور ڪانٽي جنسي پلان ترتيب ڏئي اسڪواڊ مقرر ڪري ڪمشنر سکر ڊويزن کي آگاهي ڏني وڃي.

بقايا 10 سنڌيار

اسپتال نوشهرو فيروز ۾ ايڪو مشين جو باقاعده آغاز ٿي ويو جنهن سان اسپتال ۾ ايندڙن غريب مريضن کي وڏ کان وڏ فائدو ٿيندو اهڙن خيالن جو اظهار AMS ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي، دل جي ماهر ڊاڪٽر محمد صفر چنه ۽ ڪارڊيالاجسٽ ڊاڪٽر اعجاز علي ميمڻ ايڪو مشين جي افتتاح ڪندي چيو ته اسانجي اصل کان ڪوشش رهي آهي ته غريب مريضن کي وڏ کان وڏ سهولتون ڏيون هن وقت تائين بجيت کان بغير دل جو وارڊ هلي رهيو آهي اسان جي ذاتي ڪوشش ۽ سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي تعاون سان دل جي مريضن کي تمام تر سهولتون فراهم ٿي رهيون آهن هيءُ ايڪو مشين به ڊاڪٽر اعجاز علي ميمڻ جي ذاتي ڪوشش جو نتيجو آهي جيڪو هفتي ۾ هڪ ڏينهن ايڪو وارن مريضن لاءِ ڏيندو چوته مرض جي شناخت کان سواءِ علاج ناممڪن آهي اڳواڻن چيو ته هن کان اڳ مريض ايڪو ڪرائڻ لاءِ نوابشاهه سيوهڻ يا گمبٽ ويندا هئا هاڻي اها سهولت سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ هر جمعي تي فراهم ڪئي ويندي

بقايا 11 سنڌيار

پ پ پ جي ڪامياب ٿيندڙ سمورن اميدوارن کي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته اسان جو ملڪ هن وقت ڪيترن ئي سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. 24 ڪروڙ عوام جي چيلنج سان گڏ بنيادي مسئلن ۽ مهانگائي ان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن به سياسي پارٽي کي واضح اڪثريت نه ڏيڻ وقت جي ڳالهه آهي ۽ سمورين سياسي پارٽين کي ان تي سنجيدگيءَ سان سوچڻو پوندو، پنهنجي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻو پوندو. هن چيو ته جام عبدالڪريم جوکيو، ساجد جوکيو، جام اويس گهورام جوکيو، عبدالحڪيم بلوچ، محمد يوسف مرتضيٰ بلوچ کي اليڪشن ۾ ڪاميابي تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو، سندس ڪاميابي يقينن ساراهه جوڳي آهي. هن وقت عوام جي خواهش آهي ته سمورين سياسي پارٽيون اتفاق راءِ سان حڪومت ناهين ته جيئن ملڪ کي درپيش معاشي مسئلا حل ٿي سگهن. ان سان ئي ملڪ ۾ سياسي استحڪام ايندو ۽ هاڻي تشدد جي سياست ختم ٿي ويندي، پارليامينٽ کي وفاقي ۽ صوبائي سطح تي درپيش مسئلا حل ڪرڻ گهرجن.

بقايا 12 سنڌيار

اضافو ٿي رهيو آهي. گذريل رات ٺٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي جي پوش علائقي مڪلي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي مڪلي جي مين روڊ جتي دبئي سينٽر اڳيان رزاڻو پوليس پڻ بيٺل هوندي آهي پر رات دير سان ٻن اڻڄاتل هٿياربندن سلمان ميمڻ جي موبائل فون جي دوڪان ۾ داخل ٿي دڪان مان هڪ لک رپيا ڪيش ۽ موبائيل سيٽن سان ڀريل بورو ڪٽي ويا. فرار ٿيڻ جي ڪوشش ۾ هيا ته هڪ ڦورو شهرين هٿان جهلجي ويو جنهن جي سڃاڻپ سمير ملاح طور ٿي آهي جيڪو گهارو جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي جڏهن ته فرار ٿيل ڦورو جو نالو بلال ٻڌايو پيو وڃي پوليس پاران سندس ڳولا جاري آهي جڏهن ته ٺٽي جي سينيئر صحافين مرزا شمر بيگ، مرزا حسن بيگ ۽ جاويد لطيف ميمڻ ـ پيرل پياسي ملاح جا ٽي سال اڳ چوري ٿي ويل موبائل فون پڻ اڃا تائين نه ملي سگهيا آهن پوليس چوري ٿيل موبائل فون هٿ نه ڪري سگهي آهي، ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ٺٽي جي واپارين کان لکين روپين جي ڦر جي واردات ٿي هئي، پر پوليس پاران چورن ۽ ڦورن خلاف ڪي به موثر ڪاروايون ڏسڻ ۾ نه پيون اچن جنهن جي ڪري ٺٽي ۽ مڪلي شهر سميت سموري ضلعي جو عوام عدم تحفظ جو شڪار آهي

بقايا 13 سنڌيار

ڪاٽي ماري ڇڏيو رولو ڪتن جي آزار سبب عام ماڻهو توڙي مالوند ماڻهو سخت پريشان پريشان آهن ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻي سوڀارو مهتم ٻڌايو ته اسانجن ڳوٺن ۾ رولو ڪتن جو آزار ايترو ته وڌي ويو آهي جو انسانن سان گڏ هاڻ چوپايو مال به محفوظ ناهي رهيو رات جو رولو ڪتا اسانجن چوپائي مال جي واڙن ۾ گهڙي 2 رڍن کي ڪاٽي ماري وڌو ڳوٺاڻن ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ ڪُتا مار مهم هلائي آزار ختم ڪيو وڃي.

بقايا 14 سنڌيار

چيئرمين مير خرم خان جلباڻي ڪائونسلر نواب زاده وقار خان جلباڻي جن مسوديرو پولنگ اسٽيشن تي پ پ پ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ادي فريال ٽالپر جي کٽڻ جي خوشي ۾ پولنگ ايجنٽ جي مان ۾ ڪيرٽر هوٽل رتوديرو ۾ دعوت رکي وئي هنن چيو ته اسان توهان ڪارڪنن جا نهايت شڪر گذار آهيون جن اسان کي مان ڏنو ان موقعي تي عبدالغفار رند برڪت علي دايو عزيز احمد جلباڻي اختيار علي رند ۽ ٻيا دوست موجود هئا

بقايا 15 سنڌيار

ڪلب اڳيان 133 هين ڏينهن لڳاتار رات ڏينهن به احتجاجي ڪئمپ تي احتجاج جاري رکيو احتجاجي ڪئمپ تي وينل ويو زاهد حسين مگريو، اعظم مگريو ۽ ٻين چيو ته 2015 ۾ سکر ايوب گيٽ وٽان علي اصغر منگريو کي اغوا ڪيو ويو هو علي اصغر جي اغوا کي 9 سال گذرڻ باوجود هن وقت تائين بازياب نه ٿيو آهي ۽ جڏهن ته ان جي اغوا ۾ ملوث جوابدار خالد منگريو، منظور منگريو، سعيد منگريو ۽ جنيد منگريو آهن جوابدار بااثر هجڻ ڪري پوليس جوابدارن خلاف ڪابه ڪاروائي ناهي ڪئي جنهن سبب علي اصغر منگريو جي حياتي خطري ۾ آهي هنن لاڳاپيل اختيارن کي علي اصغر منگريو کي بازياب ڪرائڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 16 سنڌيار

ٻين نوشهرفيروز ٻاهران سني پمپ وٽ چيڪنگ دوران يونيڪ رڪشا مان 99 ڪلو چرس هٿ ڪري جوابدار خادم حسين ڪلهوڙو کي گرفتار ڪري سندس مٿان منشيات جو ڪيس داخل ڪري ورتو آهي

بقايا 17 سنڌيار

هو جنهن کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي. جڏهن ته لنڊو پوليس ٽرڪ کي تحويل ۾ وٺي ٽرڪ ڊرائيور زاهد موندو کي گرفتار ڪري وڌيڪ جانچ جاري ڪري ڇڏي آهي. ٻئي طرف فوتي نوجوان جو تدڙو ٺٽي شهر ۾ وڇايو ويو آهي، تدڙي تي ملاح اڳواڻ، صحافي محمد ايوب ملاح، عبدالڪريم الهبخش ميراڻي، سردار فيصل ملاح، محمد خان ملاح، پير وقار شاهه جيلاني، صحافي علي محمد درس ۽ ٻين پهچي تعزيت ڪري مرحوم جي مغفرت لاءِ خصوصي دعائون گهري ڏک ونڊيو.

بقايا 18 سنڌيار

رات گاهه سان ڀريل ٽرڪ روڊ ڪراس ڪندڙ موٽر سائيڪل سوار مٿا ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ 37 ورهين جو مجيب الرحمان پٽ منظور حسين ڏهجي فوت ٿي ويو ٽرڪ ڪلٽي ٿيڻ سبب ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي ۽ سوين ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت ٽرڪ هيٺان ڊبيل لاش ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان دوران پوليس پهچي مشين ذريعي لاش ڪيدرائي جناح اسپتال منتقل ڪيو.

بقايا 19 سنڌيار

نئين پنڊ پناڻ ڪالوني مان ٻه ڏينهن اڳ گم ٿي ويل 21 ورهين جي شهزادي جو لاش پوليس کي لڪڙا پوليس پڪٽ پرسان لاوارث حالت ۾ مليو پوليس موجب فنگر پرنٽ ذريعي لاش جي

سڃاڻپ چوڪريءَ جي شهزادي ڌيءُ امام بخش جي ٽالي سان سڃاڻپ ٿي آهي. شناختي ڪارڊ مطابق چوڪري پناڻ ڪالوني نيوپنڊ سکر جي رهواسڻ هئي چوڪري جي عمر 21 سال آهي، سندس جسم تي سخت تشدد جا نشان آهن، پوليس موجب چوڪريءَ کي تشدد بعد قتل ڪيو ويو ۽ سندس عورتاڻا ڪپڙا لاهي مرداڻا نيري رنگ جا ڪپڙا پارايا ويا ۽ اگاري ڏينهن صبح جو لڪڙا پوليس پڪٽ پرسان چوڪريءَ جو رلي ۾ ويڙهيل لاش هٿ آيو هو جنهن بعد لاش جو پوسٽ مارٽم سول اسپتال سکر مان ڪرائڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي هوڏانهن ايس ايس پي سکر نوجوان چوڪري جي قتل واقعي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو قاتلن کي جلد گرفتار ڪرڻ جون پوليس کي هدايتون جاري

بقايا 20 سنڌيار

مبارڪپور جاويد ميمڻ رابطي تي ٻڌايو ته رات دير سان پوليس موبائيل تي اسٽاف سان گڏ گشت ڪري رهيو هئس ته هڪ شڪي جوابدار جيڪو اسانجي گاڏي کي ڏسي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي ڪيس گرفتار ڪري ورتو ايس ايڇ او ٻڌايو ته جوابدار جي سڃاڻپ گهوٽڪي واسي زرين خان پٽ اعظم خان پناڻ طور ٿي آهي جنهن وٽان ٽي ٽي پسٽل ۽ ٽي عدد گوليون برآمد ٿيون جڏهن ته پوليس گرفتار جوابدار مٿان ڪيس به داخل ڪري ورتو آهي.

بقايا 21 سنڌيار

گهر جي ٻاهران ٻيلي هئي ته اڻڄاتل ماڻهن پاران چٽي ڪتي کي بندوق جو فائر ڪيو ته ان جا ڇرا منهنجي نينگري کي لڳا آهن جڏهن ته منياڻي اسپتال ۾ ڊاڪٽر نهڻ سبب نينگري کي نوشهروفيروز اسپتال رفر ڪيو ويو

بقايا 22 سنڌيار

ضمير سيال، انجنيئر جميل سيال سميت سيال برادري جا چار ماڻهون زخمي پوليس پهچي مسجد کي ڪڙو چاڙهي ڇڏيو ۽ وڌيڪ نقصان کان بچائي ورتو جڏهن ته شهر جي معززين ۽ صحافتي تنظيم جي اڳواڻن پنهنجو مثبت ڪردار ڪيو جهيڙو ٺاري ڇڏيو جنهن بعد عمراڻي برادري جي ميت کي درگاهه عيسولاڪو جي قبرستان ۾ دفن ڪرڻ تي مرحوم جي وارثن کي راضي ڪيو ويو ,جڏهن ته زخمي ٿيل صحافي ضمير سيال ۽ جميل سيال جي طرفان ٿاڻي اين سي داخل ڪرائي وئي آخري اطلاعن ايف آءِ آر داخل نه ٿي سگهي هئي سيال برادري احتجاج ڪندي چيو ته مسجد اسان جي زمين ۾ آهي ۽ زمين جو ڪاتو اسان جو آهي اسان مسجد عبادت لاءِ جوڙڻ جي اجازت ڏني هئي ميت دفنائڻ لاءِ راڻي پور ۾ ڪافي قبرستان موجود آهن مسجد عبادت گاهه آهي ميت دفنائڻ لاءِ ناهي جوڙائي اسان مٿان بلاجواز حملو ڪيو ويو آهي ايس ايس پي خيرپور انصاف ڪري

بقايا 23 سنڌيار

ڪراچي کان مٽي سندس ڪارم وڃي رهيو هو ته نامعلوم هٿيار بندن ڏينهن جو 3 وڳي هٿيارن جي زور تي ٻه لک روپيا ڦر ڪري ويا ,ماڊل ٿاڻي بدين تي رپورٽ لکائيندي لو ڪمار چيو ته هو ڪراچي کان مٽي آيو پئي ته قائد آباد وٽ ٻن نوجوانن هٿ ڏيئي چيو ته اسان بدين ويندا سين ,مون همدردي ۾ انهن کي کنيو ,بدين ويجهو ٽيو ميل سمر اسٽاپ وٽ مون کي روڪي پسٽل ڏيکاري ٻه لک ڦر ڪري ويا ۽ مون کي چيو ته پوئتي ڏسندين ته فائر ڪري ماريندا سين . بدين پوليس موجب لوڪمار عرف شاعر ايل کي هريواڻي ٻڌايو ته هو آفريڪا ۾ نوڪري ڪندو آهي .هڪ مهينو اڳ سندس ڳوٺ مٽي آيو هو . پوليس موجب رپورٽ داخل ڪري پوليس ڦورن پٺيان ويل آهي .

بقايا 24 سنڌيار

ٿيندڙ عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف خانپورمهر ۾ جمعيت علماءِ اسلام تعلقي خانڳڙهه جي ڪارڪنن مرڪزي سڏ تي پريس ڪلب خانپورمهر اڳيان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي جي يو آءِ تعلقي خانڳڙهه جو امير حافظ عبدالقادر مهر، منير گڏاڻي، حافظ نصرالله گبول، مولوي امين گڏاڻي، جميل راهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملڪ ۾ 8 فيبروري تي عام چونڊن ۾ وڏي ڌانڌلي ڪئي وئي آهي، اسين چونڊن جي نتيجن کي رد ڪيون ٿا ,اليڪشن نه پر سليڪشن ڪئي وئي آهي، اسان جي مينڊيٽ کي چورايو ويو آهي، اليڪشن ۾ ڌانڌلي ڪري من پسند اميدوارن کي ڪامياب ڪرايو ويو آهي، اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جي يو آءِ اميدوارن جا چونڊ نتيجا تبديل ڪري انهن کي هٽ سان هارايو ويو آهي،هنن مطالبو ڪيو ته اليڪشن ۾ ٿيل ڌانڌلين جو نوٽيس وٺي ازالو ۽ انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا 25 سنڌيار

ڪبير پٺاڻي کان موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي . مزاحمت تي کين زخمي ڪري فرار ٿي ويا . متاثر ڳوٺاڻن خانپورمهر ٿاڻي پهچي واقعي جي اين سي رپورٽ داخل ڪرائڻ بعد احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته اسين ڳوٺ کان زمين تي وڃي رهيا هئاسين ته رستي ۾ فصل ۾ لڪيل هٿياربندن اسان کي روڪي موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن ته مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن اسان کي زخمي ڪري فرار ٿي، جوابدارن کان اسان موٽرسائيڪل ڇڏائي ورتي آهي. مزاحمت دوران مير حسن پٺاڻي . نثار احمد، وقار پٺاڻي، حضور بخش پٺاڻي طور سڃاڻپ ڪئي آهي. ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو ته اسان جي علائقي ۾ بدامني وڌي وئي آهي روزانو ڦر ۽ چوري جون وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن، متاثرن مطالبو ڪيو ته فوري طور جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 26 سنڌيار

جاکرو چونڊ نتيجن کي رد ڪندي اليڪشن ٽربيونل ۽ عدالت ۾ وڃڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ مسلم ليگ ن جي اڳواڻ وڏيرو رسول بخش جاکرو جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي وائيس چيئرمين نواز شاهه پاڌائي سميت ٻين حامين سان گڏ پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سڄي سنڌ جيان ٺٽي ضلعي ۾ رڪارڊ ڌانڌليون ڪيون ويون آهن. هي اليڪشن نه پر سليڪشن آهي. نگران سرڪار ۽ اليڪشن ڪميشن پاڪستان پيپلز پارٽي جي بي ٽيم بڻجي سنڌ ۾ پ پ پ جي مخالفن اميدوارن کي هارائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته ٺٽي ضلعي جي عوام جي مينڊيٽ تي ڌاڙو هنيو ويو آهي. اسان جي 100 کان وڌيڪ ايجنٽن کي اغوا ڪري پولنگن تي سرعام ٺپا هڻي پ پ پ اميدوارن کي کٽرايو ويو آهي. پرزائيڊنگ آفيسر، پوليس ۽ اليڪشن ڪميشن سهولتڪاري جو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته پ پ پ جي اميدوار کي 15 هزار ووٽ مليا آهن. جڏهن ته ڪيس 45000 هزار کان وڌيڪ ووٽ مليا آهن پر جعلي ٺپا هڻي پ پ پ اميدوار جا 140000 ووٽ ڏيکاريا ويا آهن. 15 سيڪڙو ٽرن آئوٽ به نه هو پر لکين ووٽ داخل ڏيکاريا ويا آهن. هن چيو ته هڪ سوچي سمجهي سازش تحت نيٽ ورڪ بند ڪري ڌانڌلي ذريعي هارايو ويو آهي. جيڪا عوام جي راءِ جي توهين آهي. هن چيو ته هو چونڊ نتيجن کي رد ڪري ٿو. جلد اليڪشن ٽربيونل سميت عدالت جو در ڪڙڪايو ويندو.

بقايا 27 سنڌيار

مانيٽرنگ ٽيم جي آفيسرن جي مان ۾ دربار هال ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ايس ايس پي بدين مير روحل کوسو، ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر محمد حنيف، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جاويد احمد ڏاهري، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري شوڪت علي ملاح، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ان کان علاوه سمورن ڪاتن جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تقريب کي مخاطب ٿيندي ڊي آر او / ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو چيو ته اليڪشن جي مرحلي ۾ آئون سڀني ڪاتن جي آفيسرن جو ۽ اليڪشن ۾ ڊيوٽي سرانجام ڏيندڙ عملي جو شڪر گذار آهيان جنهن پنهنجو فرض ايمانداري سان سرانجام ڏنو انهن جي محنت سان هي پرامن صاف شفاف عام چونڊون پايا تڪميل تي پهتيون ۽ پوري بدين ضلعي ۾ ڪٿي به ڪو به اڻ وڻندڙ پيش نه آيو هن وڌيڪ چيو ته پوري پاڪستان ۾ پي ايس 68 جو رزلٽ سڀ پهرين آئوٽ ٿيو جنهن جو اعزاز پڻ اوهان سڀني آفيسرن ڏانهن وڃي ٿو هن وڌيڪ چيو ته ميڊيا پنهنجا فرائض خوش اسلوبي سان سرانجام ڏنا مجموعي طور تي ميڊيا جي رپورٽن هاڪاري رهي جنهن تي هو ضلعي بدين جي سمورن صحافين جو ته دل سان شڪر گذار آهي

بقايا 28 سنڌيار

هڪ ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو ترجمان پوليس موجب زخمي حالت گرفتار ڏوهاري جي قبضي مان هٿيار هٿ ڪيا ويا، مقابلي دوران جوابدار جا 2 ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.جڏهن ته زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي گرفتار ڏوهاري پوليس کي ڦرچوري،پوليس مقابلن سميت ٻين ڏوهن ۾ گهربل هو

بقايا 29 سنڌيار

مظاهرو ڪيو ان موقعي تي شاهنواز خان جتوئي ميڊيا جي نمائندن کي ٻڌايو ته پوليس پاران اسان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري اسان جي ڪارڪنن کي حراسان ڪيو پيو وڃي. اسان جي هڪ ايجنٽ عبدالستار ڪوسا کي پوليس گرفتار ڪري ڪٿي وٺي وئي آهي. جن اسان جو ووٽ چوري ڪيو آهي اسان کان انتقامي ڪارروايون ڪري رهيا آهن پر اسان جو حوصلو بلند آهي. بي بنياد ڪيس ۾ ڪراچي هاءِ ڪورٽ مان ضمانت حاصل ڪري ورتي آهي. اسان انهن نتيجن کي قبول نه ڪنداسين ۽ قانون جي دائري ۾ رهي احتجاج جاري رکنداسين. واضح رهي ته اليڪشن واري ڏينهن مورو جي علي بخش ماڇي جي پولنگ اسٽيشن تي جهيڙي جي نتيجي ۾ زرداري برادري جا 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا هئا. جنهن جي ايف آءِ آر 4 ڏينهن بعد مورو ٿاڻي تي محمد بچل زرداري جي فرياد تي داخل ڪئي وئي آهي. ايف آءِ آر ۾ غلام مرتضيٰ خان جتوئي ۽ سندس پٽ سميت جي ڊي اي جي ٻين ڪارڪنن تي تشدد جو الزام لڳايو ويو آهي.

بقايا 30 سنڌيار

سلسلو جاري، ناقص مٽيريل استعمال جو انڪشاف . شهري ۽ سماجي حلقن ۾ ڳڻتي جو اظهار، ملوث ڪاتي جي عملدارن ۽ ٺيڪيدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي ان سلسلي ۾ سکر ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ضلعي انتظاميه سميت ورڪس اينڊ سروسز ڪاتي پاران سکر شهر ۾ جاري ترقياتي ڪم بهاني روڊ جي پاسن کان نهيل فوٽ پاٿ بلاڪ به ڊاهڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته اڳ ۾ لڳل ٽف ٽائل کي ٻيهر استعمال ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي سکر جي انور پراچا اسپتال واري روڊ سميت ڪيترن ئي روڊن تي پراڻن بلاڪن کي ئي بحال ڪري ضلعي روڊس اينڊ سروس ڪاتي، هيلٿ انجنيئرنگ سکر ميونسپل ڪارپوريشن انتظاميا جي لاپرواهي سبب وڏي پيماني تي ترقياتي ڪمن ۾ ناقص ۽ پراڻو مٽيريل استعمال ڪيو پيو وڃي. شهري ۽ سماجي حلقن ترقياتي ڪمن ۾ سست رفتاري ۽ ناقص مٽيريل جي استعمال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي جاچايل ڪاتن جي عملدارن سميت ٺيڪيدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 31 سنڌيار

شاهه لطيف آرٽس اينڊ ڪامرس ڊگري ڪاليج شڪارپور ۾ ٿي گذريا. جنهن ۾ سي اينڊ ايس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شڪارپور، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مدئجي، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڳڙهي ياسين ۽ گورنمينٽ شاهه لطيف آرٽس اينڊ ڪامرس ڊگري ڪاليج شڪارپور جي ٽيمن حصو ورتو. مقابلن جي ميزباني گورنمينٽ شاهه لطيف آرٽس اينڊ ڪامرس ڊگري ڪاليج شڪارپور جي پرنسپال پروفيسر سيد عارف حسين جي سربراهي ۾ ٿي گذري ۽ نصرالله ميمڻ فوڪل پرسن ضلعي شڪارپور ۽ پروفيسر توقير احمد دايو ۽ سينيئر ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن ذوالفقار حسين هن ٽورنامينٽ کي آرگنائز ڪيو جڏهن ته پروفيسر غلام قادر سومرو ٽورنامينٽ سپروائيز طور فرض نڀايا ۽ تقريب جو خاص مهمان پروفيسر عبيد الله دايو پرنسپال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڳڙهي ياسين هئا. پهرين سيمي فائنل ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڳڙهي ياسين جي ٽيم سي اينڊ ايس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جي ٽيم کي 0_2 تان شڪست ڏني. ٻي سيمي فائنل ۾ گورنمينٽ شاهه لطيف آرٽس اينڊ ڪامرس ڊگري ڪاليج شڪارپور جي ٽيم گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مدئجي کي 0_2 تان شڪست ڏئي فائنل لاءِ ڪواليفاءِ ڪيو فائنل ۾ سخت مقابلي کان پوءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڳڙهي ياسين جي ٽيم 0_2 جي اسڪور سان شاهه لطيف ڪاليج کي شڪست ڏئي چيمپيئن شپ کٽي ورتي. آيل مهمانن کي شيلڊ ۽ سنڌ جي روايتي تحفي اجرڪ سان آڌر ڀاءُ ڪيو ويو آخر ۾ مهمان خاص ۽ ٻين مهمانن ٽيمن ۾ ٽرافيون ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ۽ نقد انعام سان پڻ نوازيو ۽ رانديگرن کي تعليم سان گڏ هم نصابي سرگرمين ۾ پڻ ڀرپور جذبي سان حصو وٺڻ جي هدايت ڪئي. هن موقعي تي ميزبان ڪاليج جا پروفيسرز ۽ ٽيمز سان آيل پروفيسر منظور عالم ۽ پروفيسر حافظ حزب الله پڻ موجود هئا.

بقايا 32 سنڌيار

مان مبينه اغوا ٿي ويو وارثن پاران اغوا جي تصديق ڪئي وئي آهي ڳوٺ خوش محمد باجڪاڻي جو رهواسي پورهيت لياقت باجڪاڻي ٽي ڏينهن اڳ ڳوٺ کان رات جو ڪرچ ۾ وڃڻ لاءِ نڪتو ته زور شاخ ويجهو گهٽ ورتل هٿياربندن کيس هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري کڻي ويا وارثن جڏهن کيس رابطو ڪيو ته فون نمبر بند اچڻ لڳو ۽ سندس ڳولها ڪئي وئي ته ڪوڏس پتو نه ملي سگهيو ڪاله رات ڏوهارين سندس فون تان وارثن کي اطلاع ڪري ڀنگ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ چيو مغوي جي ڀائرن مهربان ۽ شعبان ٻڌايو ته اسانجو ڪراچي ۾ پورهيو ڪندو آهي جنهن کي ڏوهاري زور شاخ واري علائقي مان اغوا ڪري ويا آهن ۽ اسان اهڙو اطلاع جمال ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو آهي جنهن جاچ شروع ڪري ڏني آهي

بقايا 33 سنڌيار

ٻيا گڏ هئا ميڊيا سان ڳالهه ٻول ڪندي نعمان اسلام شيخ جوچڻ هيو ته ان ۾ ڪابه شڪ جي ڳالهه نه آهي ته ڪووفاق ۾ آزاد اميدوارن جو تعداد وڌيڪ آهي، پر پيپلز پارٽي کان بغير ڪائي به پارٽي وفاق ۾ حڪومت نه ناهي سگهندي پاڪستان پيپلزپارٽي چئن صوبن جي زنجير آهي ان ڪري ئي چئن صوبن مان ڪامياب ٿي آهي هن وڌيڪ چيو ته ، پاڪستان پيپلزپارٽي ڀرپور ڪوشش ڪري رهي آهي ته وفاق ۾ پيپلزپارٽي جي حڪومت ناهي سگهي جنهن جي لاءِ آزاد ۽ ٻين پارٽين سان ڳالهه ٻول جاري آهي ،هڪ سوال جي جواب ۾ هن جوچڻ هيو ته پيپلزپارٽي هميشه سنڌ ۾ ڪامياب ٿيندي آئي آهي ۽ اهي چاهن ٿا ته جنرل اليڪشن هجي يا بلدياتي اليڪشن پر مخالف رزلٽ اچڻ کان پوءِ پيپلز پاٽي جي ميڊيٽ جي خلاف روڊن ۽ رستن تي ويهي ڪري مدرسن کي اسان خلاف استعمال ڪندا آهن ۽ بدقسمتي سان هن دفعي به مدرسن ۾ ديني تعليم وٺڻ وارن شاگردن کي اسان خلاف روڊن تي ويهاري ڇڏيو آهي ،انهن کي سمجهڻ کپي ته سنڌ جو عوام انهن کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏيو آهي هي ماڻهون عوام تي اسان وڏيرا هجون پر سنڌ جي عوام هنن کي مسلسل رد ڪري ڇڏيو آهي ،۽ هنن کي ٿيڻ کپي ته هاڻي اسان جي مينڊيٽ کي قبول ڪندي پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ ويهي رهن,,,,,

بقايا 34 سنڌيار

۾ مبينا ڌانڌلي جي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ جي يو آءِ جي ڪارڪنن سميت شهرين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جي يو آءِ سنڌ جي اڳواڻ مفتي سعود افضل هاليجوي قاري محمد فاروق شيخ، مفتي اعظم مهر، مفتي قمرالدين ملاڻو، مولانا ابراهيم مهر، مولانا امان الله سکهروي سميت ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسان اليڪشن جي نتيجن کي رد ڪيون

بدين ۾ نوجوان ناري گهرو اڻبڻت تان خودڪشي ڪري ڇڏي

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) بدين لڳ نوجوان نياڻي گهرو اڻبڻت تان خودڪشي ڪري ڇڏي خبر موجب بدين لڳ ڳوٺ ڏيرو سومرا ۾ 17 سالا امينا ڌي جمن سومرو پنهنجي گهر جي ڇت جي لاٽ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي ناري جيوان موجب ته امينا گهرو پريشانين کان تنگ اچي خودڪشي ڪئي آهي خبر اچڻ تائين امينا جو لاش اجان تائين گهر ۾ پيل آهي

ٿا. سنڌ ۾ اليڪشن پر سليڪشن ٿي آهي. هنن چيو ته اليڪشن ڪميشن جا جاري ڪيل جعلي نتيجا قبول ناهن اليڪشن ڪميشن سمورن تڪن جو من پسند نتيجن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو عوام جي ووٽن سان خيانت آهي پرزائيڊنگ آفيسر پاران اليڪشن جي نتيجن جو ايجنٽن کي فارم 45 به نه ڏنو ويو آهي. اڳواڻن چيو ته اليڪشن ڪميشن جي يو آءِ اميدوارن جي مينڊيٽ کي چوري ڪيو آهي جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول نه آهي. سنڌ ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌلي ذريعي اسان جي ڪامياب اميدوارن کي هارايو ويو آهي. جمعيت علماءِ اسلام اليڪشن 2024 جي ڌانڌلي کي رد ڪندي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪري ٿي ته اليڪشن ڪميشن پاران مبينا ڌانڌلي واري عمل خلاف فوري طور تي نوٽيس وٺي عوام ۽ ڪارڪنن ۾ پيدا ٿيل پريشاني ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي ڌرڻن جو سلسلو جاري رهندو.

بقايا 35 سنڌيار

جڏهن ته غلط انگن اکرن ذريعي خانه پوري کان پاسو ڪيو وڃي، پوليو جي خاتمي لاءِ هڪ هڪ نقطي تي بحث بعد سائنسي بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي. هن اهڙن خيالن جو اظهار پنهنجي آفيس ۾ 26 فيبروري کان 03 مارچ تائين جاري پوليو مهم بابت سڏايل اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ ايڊيشنل ڪمشنر، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر، ڊبليو ايڇ او، پي پي ايڇ آءِ، لوڪل گورنمينٽ، ايجوڪيشن سميت ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن توڙي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.جڏهن ته ٽيمن توڙي مانيٽرز ۾ عورتن جي شرڪت ضروري آهي ان سلسلي ۾ اين جي اوز کان سهڪار حاصل ڪيو وڃي. صحت سان لاڳاپيل ادارا هڪٻئي سان سهڪار ۽ رابطي کي مضبوط ڪن. ڊيٽا شيئرنگ ۾ ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي. ان موقعي تي هن چيو ته هن سال پوليو جو ڪوبه ڪيس نه آهي انهي لاءِ بهتر آهي ته . مانيٽرنگ جي نظام ۽ معيار کي بهتر ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ ڪابه سوديبازي برداشت نه ڪئي ويندي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر فياض حسين مهيسر ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون ڪندي چيو ته پوليو پروگرام جي اصطلاحن ۽ سمورن نقطن کي بهتر نموني سمجهڻ جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته ٽيمن جي روانگي وقت سپروائيزرز وٽ مسنگ ۽ اين اي لسٽ هئڻ گهرجي جنهن تحت رهجي ويل ٻارڙن کي هٽ ڪري ڦڙا پيئارڻ کي يقيني بڻايو وڃي. 26 فيبروري کان 03 مارچ تائين هلندڙ پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سوشل ميڊيا جو استعمال سان گڏ آگاهي ريليون پڻ ڪڍيون وڃن.

بقايا 36 سنڌيار

شاهه لطيف آرٽس اينڊ ڪامرس ڊگري ڪاليج شڪارپور ۾ ٿي گذريا. جنهن ۾ سي اينڊ ايس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شڪارپور، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مدئجي، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڳڙهي ياسين ۽ گورنمينٽ شاهه لطيف آرٽس اينڊ ڪامرس ڊگري ڪاليج شڪارپور جي ٽيمن حصو ورتو. مقابلن جي ميزباني گورنمينٽ شاهه لطيف آرٽس اينڊ ڪامرس ڊگري ڪاليج شڪارپور جي پرنسپال پروفيسر سيد عارف حسين جي سربراهي ۾ ٿي گذري ۽ نصرالله ميمڻ فوڪل پرسن ضلعي شڪارپور ۽ پروفيسر توقير احمد دايو ۽ سينيئر ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن ذوالفقار حسين هن ٽورنامينٽ کي آرگنائز ڪيو جڏهن ته پروفيسر غلام قادر سومرو ٽورنامينٽ سپروائيز طور فرض نڀايا ۽ تقريب جو خاص مهمان پروفيسر عبيد الله دايو پرنسپال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڳڙهي ياسين هئا. پهرين سيمي فائنل ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڳڙهي ياسين جي ٽيم سي اينڊ ايس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جي ٽيم کي 0_2 تان شڪست ڏني. ٻي سيمي فائنل ۾ گورنمينٽ شاهه لطيف آرٽس اينڊ ڪامرس ڊگري ڪاليج شڪارپور جي ٽيم گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مدئجي کي 0_2 تان شڪست ڏئي فائنل لاءِ ڪواليفاءِ ڪيو فائنل ۾ سخت مقابلي کان پوءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڳڙهي ياسين جي ٽيم 0_2 جي اسڪور سان شاهه لطيف ڪاليج کي شڪست ڏئي چيمپيئن شپ کٽي ورتي. آيل مهمانن کي شيلڊ ۽ سنڌ جي روايتي تحفي اجرڪ سان آڌر ڀاءُ ڪيو ويو آخر ۾ مهمان خاص ۽ ٻين مهمانن ٽيمن ۾ ٽرافيون ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ۽ نقد انعام سان پڻ نوازيو ۽ رانديگرن کي تعليم سان گڏ هم نصابي سرگرمين ۾ پڻ ڀرپور جذبي سان حصو وٺڻ جي هدايت ڪئي. هن موقعي تي ميزبان ڪاليج جا پروفيسرز ۽ ٽيمز سان آيل پروفيسر منظور عالم ۽ پروفيسر حافظ حزب الله پڻ موجود هئا.

بقايا 37 سنڌيار

جاکرو چونڊ نتيجن کي رد ڪندي اليڪشن ٽربيونل ۽ عدالت ۾ وڃڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ مسلم ليگ ن جي اڳواڻ وڏيرو رسول بخش جاکرو جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي وائيس چيئرمين نواز شاهه پاڌائي سميت ٻين حامين سان گڏ پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سڄي سنڌ جيان ٺٽي ضلعي ۾ رڪارڊ ڌانڌليون ڪيون ويون آهن. هي اليڪشن نه پر سليڪشن آهي. نگران سرڪار ۽ اليڪشن ڪميشن پاڪستان پيپلز پارٽي جي بي ٽيم بڻجي سنڌ ۾ پ پ پ جي مخالفن اميدوارن کي هارائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته ٺٽي ضلعي جي عوام جي مينڊيٽ تي ڌاڙو هنيو ويو آهي. اسان جي 100 کان وڌيڪ ايجنٽن کي اغوا ڪري پولنگن تي سرعام ٺپا هڻي پ پ پ اميدوارن کي کٽرايو ويو آهي. پرزائيڊنگ آفيسر، پوليس ۽ اليڪشن ڪميشن سهولتڪاري جو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته پ پ پ جي اميدوار کي 15 هزار ووٽ مليا آهن. جڏهن ته ڪيس 45000 هزار کان وڌيڪ ووٽ مليا آهن پر جعلي ٺپا هڻي پ پ پ اميدوار جا 140000 ووٽ ڏيکاريا ويا آهن. 15 سيڪڙو ٽرن آئوٽ به نه هو پر لکين ووٽ داخل ڏيکاريا ويا آهن. هن چيو ته هڪ سوچي سمجهي سازش تحت نيٽ ورڪ بند ڪري ڌانڌلي ذريعي هارايو ويو آهي. جيڪا عوام جي راءِ جي توهين آهي. هن چيو ته هو چونڊ نتيجن کي رد ڪري ٿو. جلد اليڪشن ٽربيونل سميت عدالت جو در ڪڙڪايو ويندو.

بقايا 38 سنڌيار

اسپتال نوشهرو فيروز ۾ ايڪو مشين جو باقاعده آغاز ٿي ويو جنهن سان اسپتال ۾ ايندڙن غريب مريضن کي وڏ کان وڏ فائدو ٿيندو اهڙن خيالن جو اظهار AMS ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي، دل جي ماهر ڊاڪٽر محمد صفر چنه ۽ ڪارڊيالاجسٽ ڊاڪٽر اعجاز علي ميمڻ ايڪو مشين جي افتتاح ڪندي چيو ته اسانجي اصل کان ڪوشش رهي آهي ته غريب مريضن کي وڏ کان وڏ سهولتون ڏيون هن وقت تائين بجيت کان بغير دل جو وارڊ هلي رهيو آهي اسان جي ذاتي ڪوشش ۽ سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي تعاون سان دل جي مريضن کي تمام تر سهولتون فراهم ٿي رهيون آهن هيءُ ايڪو مشين به ڊاڪٽر اعجاز علي ميمڻ جي ذاتي ڪوشش جو نتيجو آهي جيڪو هفتي ۾ هڪ ڏينهن ايڪو وارن مريضن لاءِ ڏيندو چوته مرض جي شناخت کان سواءِ علاج ناممڪن آهي اڳواڻن چيو ته هن کان اڳ مريض ايڪو ڪرائڻ لاءِ نوابشاهه سيوهڻ يا گمبٽ ويندا هئا هاڻي اها سهولت سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ هر جمعي تي فراهم ڪئي ويندي

بقايا 39 سنڌيار

۾ مبينا ڌانڌلي جي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ جي يو آءِ جي ڪارڪنن سميت شهرين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جي يو آءِ سنڌ جي اڳواڻ مفتي سعود افضل هاليجوي

قاري محمد فاروق شيخ، مفتي اعظم مهر، مفتي قمرالدين ملاڻو، مولانا ابراهيم مهر، مولانا امان الله سکهروي سميت ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسان اليڪشن جي نتيجن کي رد ڪيون ٿا. سنڌ ۾ اليڪشن پر سليڪشن ٿي آهي. هنن چيو ته اليڪشن ڪميشن جا جاري ڪيل جعلي نتيجا قبول ناهن اليڪشن ڪميشن سمورن تڪن جو من پسند نتيجن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو عوام جي ووٽن سان خيانت آهي پرزائيڊنگ آفيسر پاران اليڪشن جي نتيجن جو ايجنٽن کي فارم 45 به نه ڏنو ويو آهي. اڳواڻن چيو ته اليڪشن ڪميشن جي يو آءِ اميدوارن جي مينڊيٽ کي چوري ڪيو آهي جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول نه آهي. سنڌ ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌلي ذريعي اسان جي ڪامياب اميدوارن کي هارايو ويو آهي. جمعيت علماءِ اسلام اليڪشن 2024 جي ڌانڌلي کي رد ڪندي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪري ٿي ته اليڪشن ڪميشن پاران مبينا ڌانڌلي واري عمل خلاف فوري طور تي نوٽيس وٺي عوام ۽ ڪارڪنن ۾ پيدا ٿيل پريشاني ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي ڌرڻن جو سلسلو جاري رهندو.

بقايا 40 سنڌيار

ٿيل گهوٽ 28 ورهين جي عمران پٽ محمد ارشد گجر ۽ سندس 25 ورهين جي ڪنوار ساديه ڌيءُ شاهد گجر سندن گهر جي ڪمري ۾ مردا حالت ۾ مليا آهن وارثن موجب گذريل ڏينهن ٿي وليمي جي دعوت هئي گهوٽ ۽ ڪنوار رات جو 11 وڳي ماني کائي پنهنجي ڪمري ۾ سمهڻ لاءِ ويا هليا. صبح جو دير ٿيڻ سبب سندن گهر وارن ۽ مائٽن ڪمري جو دروازو کڙڪايو اندران ڪو به جواب نه ملڻ تي ڪمري جي دري کولي جهاتي پائي ڏٺو ۽ عمران ڪري سڏ ڪيا جنهن تي جواب نه ملڻ ڪري اسان کي ڊپ ٿي پيو جنهن تي پنهنجي عزيزن کي اطلاع ڪيو ۽ دروازي کي ٽوڙي اندر داخل ٿي ٻنهي زال مڙس کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٻئي فوت ٿيل هئا. فوت ٿيل زال مڙس جا لاش ڪٺائي تعلقه اسپتال گولاڙچي آندا ويا آهن. مائٽن پاران ٻڌايو پيو وڃي ته ڪمري جي اٽيچ باٿ روم ۾ گئس لڳل هئي جيڪا ليڪ هئڻ ڪري ڪمري ۾ ڀرجي پوڻ ڪري اهڙو واقعو پيش آيو آهي. اطلاع ملڻ تي گولاڙچي پوليس پهچي گهر جي ڪمري جو جائزو وٺڻ بعد تعلقي اسپتال پهچي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 41 سنڌيار

مظاهرو ڪيو ويو پريس ڪلب اڳيان ڪارڪنن جي وڏي انگ ڌرڻو هنيو جنهن جي اڳواڻي مولانا عبدالرحمان ڏنگراج , اڪرم پيرزادو ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا جيڪي شهر جي مختلف رستن تان ٿيندا پريس ڪلب پهتا جتي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 8 فيبروري تي اليڪشن نه پر سليڪشن ڪئي وئي آهي جنهن کي اسان ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين هن چيو ته 8 فيبروري جي ڏنل نتيجن کي نه مڃون چو ته اهي ڌانڌلي ڪرائي پنهنجي من پسندن کي ڪترائي رات جي پيٽ ۾ ڏنا ويا آهن جيڪي نتيجا رد ڪيون ٿا ۽ مطالبو ٿا ڪيون ته اليڪشن ڪميشن نوٽيس وٺي ٻيهر اليڪشن ڪرائي ٻي صورت ۾ احتجاج وسيع ڪيو ويندو

بقايا 42 سنڌيار

مانيٽرنگ ٽيم جي آفيسرن جي مان ۾ دربار هال ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ايس ايس پي بدين مير روحل کوسو، ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر محمد حنيف، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جاويد احمد ڏاهري، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري شوڪت علي ملاح، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ان کان علاوه سمورن ڪاتن جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تقريب کي مخاطب ٿيندي ڊي آر او / ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو چيو ته اليڪشن جي مرحلي ۾ آئون سڀني ڪاتن جي آفيسرن جو ۽ اليڪشن ۾ ڊيوٽي سرانجام ڏيندڙ عملي جو شڪر گذار آهيان جنهن پنهنجو فرض ايمانداري سان سرانجام ڏنو انهن جي محنت سان هي پرامن صاف شفاف عام چونڊون پايا تڪميل تي پهتيون ۽ پوري بدين ضلعي ۾ ڪٿي به ڪو به اڻ وڻندڙ پيش نه آيو هن وڌيڪ چيو ته پوري پاڪستان ۾ پي ايس 68 جو رزلٽ سڀ پهرين آئوٽ ٿيو جنهن جو اعزاز پڻ اوهان سڀني آفيسرن ڏانهن وڃي ٿو هن وڌيڪ چيو ته ميڊيا پنهنجا فرائض خوش اسلوبي سان سرانجام ڏنا مجموعي طور تي ميڊيا جي رپورٽن هاڪاري رهي جنهن تي هو ضلعي بدين جي سمورن صحافين جو ته دل سان شڪر گذار آهي

بقايا 43 سنڌيار

ڪلب اڳيان 133 هين ڏينهن لڳاتار رات ڏينهن به احتجاجي ڪئمپ تي احتجاج جاري رکيو احتجاجي ڪئمپ تي وينل ويو زاهد حسين مگريو، اعظم مگريو ۽ ٻين چيو ته 2015 ۾ سکر ايوب گيٽ وٽان علي اصغر منگريو کي اغوا ڪيو ويو هو علي اصغر جي اغوا کي 9 سال گذرڻ باوجود هن وقت تائين بازياب نه ٿيو آهي ۽ جڏهن ته ان جي اغوا ۾ ملوث جوابدار خالد منگريو، منظور منگريو، سعيد منگريو ۽ جنيد منگريو آهن جوابدار بااثر هجڻ ڪري پوليس جوابدارن خلاف ڪابه ڪاروائي ناهي ڪئي.

ڪي اين شاهه ۾ پي ايس 80 تي چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ عبدالعزيز جوڻيجو وفات ڪري ويو

پير مظهرالحق ۽ پير مجيب الحق ۽ دانش علي پاران وفات تي ڏک جو اظهار

وارثن کي صبرجميل جي توفيق عطا فرمائي، سندس ڏک جي گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهيون:اڳواڻ

دادو(ن سنڌيار) ڪي اين شاهه پي ايس 80 تي تازو چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ عبدالعزيز جوڻيجو ڪينسر رڳهي ڪراچي جي خانگي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو.پاڪستان پيپلزپارٽي سي اي سي ميمبر پير مظهرالحق ۽ ايم پي اي بئريسٽر پيرمجيب الحق، دادو ميونسپل ڪاميٽي چيئرمين پير دانش علي سندس اوچتي انتقال تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس عطا ڪري آمين ۽ سندس وارثن کي صبرجميل جي توفيق عطا فرمائي اسان سندس ڏک جي گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

ملير ۾ پي پي ايڇ آءِ جي چيئرمين صحت مرڪز ويم گهر جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ملير (رپورٽ: فاروق پنگوار) ملير جي علائقي ميمڻ ڳوٺ ۾ موجود سرڪاري اسپتال ۾ پي پي ايڇ آئي سنڌ جي چيئرمين بورڊ آف ڊائريڪٽر فضل الرحمان ماءُ ۽ ٻار جي صحت مرڪز ويم گهر جو افتتاح ڪري ڇڏيو. ماءُ ۽ ٻار جي صحت مرڪز 32 بسترن تي ٻڌل آهي جنهن کي جلد 50 بسترن تائين مڪمل ڪرڻ ۽ ملير سميت مختلف اسپتالن لاءِ 17 ايمبولينس ڏيڻ جو اعلان. اسپتال کي جديد سهولتن سان بحال ڪيو ويو آهي. ڊائريڪٽر تفصيل مرجب ملير جي ميمن ڳوٺ سرڪاري اسپتال ۾ پي پي ايڇ آئي سنڌ جي بورڊ آف ڊائريڪٽر جي چيئرمين فضل الرحمان ماءُ ۽ ٻار جي صحت مرڪز ويم گهر جو افتتاح ڪري عورتن جو مفت ويم ۽ علاج جو اعلان ڪيو آهي ان موقعي تي خطاب ڪندي هن چيو ته ميمڻ ڳوٺ جي سرڪاري اسپتال ويم گهر جي حوالي سان غير فعال هئي جنهن سبب غريب عورتون کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو کين جناح سپتال وڃڻو پوندو پرهاڻ اسان عمار کي ڪارئتو بڻائي جديد سهولتن سان اراستا ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته پي پي ايڇ آئي پنهنجي ڪم جي شروعات سنڌ جي شهر جيڪب کان ڪئي ۽ هاڻي سڄي سنڌ ۾ ڪم ڪيو پيو وڃي ميمڻ ڳوٺ ۾ ماءُ ۽ ٻار بلاڪ 32 بسترن تي ٻڌل آهي جنهن کي جلد 50 بسترن تائين مڪمل ڪيو ويندو جديد سهولتن سان بحال ڪيو ويو آهي ۽ ملير سميت مختلف ضلعن جي اسپتالن لاءِ 17 ايمبولينس ڏيون پيا ۽ ليبارٽري، آپريشن، ڊينٽل، چمڙي ۽ ٻيون سهولتون مفت ڏنيون پيون وڃن

ملير ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو، هڪ ڇٽي ڏاڙهي وڌو

ملير (د ر) شاهه لطيف ٽائون ۾ رولو ڪتن جو آزار، رولو ڪتن هڪ نوجوان گلاب خان کي ڏاڙهي وڌو، زخمي حالت ۾ سرڪاري اسپتال داخل، ويڪسين نه هجڻ سبب جناح اسپتال منتقل، سرڪاري اسپتال ۾ ڪتي جي ڏاڙهڻ جون ويڪسين مهيا ڪري زندگيون بچايون وڃن. گلاب تفصيل موجب شاهه لطيف ٽائون ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي گذريل ڏينهن رولو ڪتن نوجوان گلاب خان تي حملو ڪري ڏاڙهي وڌو جنهن کي زخمي حالت ۾ سرڪاري اسپتال داخل ڪيو ويو جتي ويڪسين نه هجڻ سبب جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ گلاب خان چيو ته افسوس جي ڳالهه ڪروڙين روپين جي فنڊن باوجود سرڪاري اسپتال ۾ ڪتي جي ڏاڙهڻ جي ويڪسين موجود نه هئي جنهن سبب مونکي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو ويڪسين مهيا ڪري زندگيون بچايون وڃن

گهگهر ۾ هڪ مهيني کان گندو پاڻي نيڪال نه ٿيو، رهواسي پريشان

ملير (د ر) گهگهر ۾ هڪ مهني کان گندو پاڻي نيڪال نه ٿيو، رهواسي رستن تي نڪري آيا، احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو نعري بازي، مک مارڪيٽ، اسڪول، اسپتالن ۽ گهرن اڳيان گهٽين ۾ بيٺل گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب عذاب ۾ مبتلا آهيون فوري طور پاڻي نيڪال ڪيو وڃي، اڳواڻ تفصيل موجب ملير جي علائقي گهگهر ۾ هڪ مهني کان گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف گذريل ڏينهن رهواسي سجاد ٻپر، حمزو پرڙو ۽ ٻين جي اڳوائيءَ ۾ رستن تي نڪري آيا ۽ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. مظاهري ۾ شريڪ ماڻهون گندگي خلاف نعري بازي ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته گڏاپ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن انتظاميا کي لکت ۾ ڪيترين درخواستون ڏنيون آهن ۽ احتجاج به ڪيا آهن پر انتظاميه غائب آهي سيوريج جو پاڻي پيئڻ جي پاڻي جي لائن سان مليو ويو آهي جنهن سبب بيماريون پکڙجي رهيو آهن جڏهن ته علائقي جي مک مارڪيٽ، اسڪول، اسپتالن ۽ گهرن اڳيان گهٽين ۾ بيٺل گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب عذاب ۾ مبتلا آهيون فوري طور پاڻي نيڪال ڪيو وڃي

اسلام ڪوٽ ۾ ٿرڪول متاثرين جو احتجاج جاري

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: صادق بجير) ٿرڪول متاثرين سراپا احتجاج بڻيل اليڪشن سبب ملتوي ڪيل احتجاج ٻيهر شروع.احتجاجي مظاهرو سخت نعريبازي تفصيل موجب: ٿرڪول بلاڪ ون جي مختلف ڳوٺن ورواڻي تلواريو ۽ ٻين جي متاثر ڳوٺاڻن پاران احتجاج جو سلسلو جاري آهي اليڪشن سبب ڪجهه ڏينهن ملتوي ڪيل احتجاج ٻيهر شروع ڪيو ويو آهي گذريل ڏينهن سبحان لنجو فدامهراڻيوٽو جمعون مهراڻيوٽو امولڪ ميگهواڙ پونم ڪرلهي جي اڳواڻي ۾ رهواسين ڪمپنين جي زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته ٿرڪول تي ڪم ڪندڙ ڪمپنين مقامي ماڻهن سان زيادتين جي حد ڪري ڇڏي آهي خاص ڪري سائنو سنڌ ڪمپني جي آفيسرن ملڪ خاطر قرباني ڏيندڙ مقامي رهواسين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي سندس جائز حق به نٿا ڏنا وڃن اسان ڪمپني جي عملدارن جي ناانصافين خلاف مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهيون پر افسوس اسان جي هڪ به نٿي ٻڌي وڃي نگران حڪومت جو به مدو ختم ٿئي پيو پر هن به اسان سان انصاف نه ڪيو اسان اعليٰ عدليا سميت انصاف ڪندڙ ادارن کان پرزور مطالبو ڪندي گهر ڪريون ٿا ته ترت نوٽس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بدين ۾ ڪچري ڍير تان تازي ڄاول ٻار جو لاش هٿ، ايڌي حوالي

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) گذريل ڏينهن صبح جو 6 وڳي پير عالي شاهه اسٽيڊيم آڏو ڪچري جي ڍير تي نامعلوم ماڻهو تازي ڄاول ٻار جو لاش اڇلي ويا .9 وڳي ماڻهن تازي ڄاول ٻار جو لاش ڏسي ايڌي رضاڪارن کي اطلاع ڏنو. ايڌي رضاڪارن ٻار جي لاش کي ڪفن دفن ڏيئي شاهه قادري قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو

دادو ۾ يونائيٽيڊ رائيٽس ڪائونسل پاڪستان پاران نون عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ يونائيٽيڊ هيومن رائيٽس ڪائونسل پاڪستان پاران دادو پريس ڪلب جي نون عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو. تقريب جي صدارت تنظيم جي حيدرآباد ڊويزن جي صدر محمد ايوب سولنگي ڪئي، جڏهن ته دادو پريس ڪلب جي صدر صابر علي ڀنڀ، جنرل سيڪريٽري غوث علي جهتيال، سينيئر نائب صدر شهزاد چانڊيو، نائب صدر سرور جلال سولنگي، خزانچي رضوان غني منگي، ادل مهيسر يونائيٽيڊ هيومن رائيٽس ڪائونسل پاڪستان جي عهديدارن ۽ ميمبرن جا ٿورا مڃيا ۽ اڳواڻن چيو ته دادو پريس ڪلب مظلوم ماڻهن جو سهارو بڻجي ڪري دادو جي صحافين معاشري ۾ نالو ڪمايو آهي سول سوسائٽي جي ماڻهن ۽ سياسي، سماجي، مذهبي، ڪاروباري، ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران دادو پريس ڪلب جي بهترين رپورٽنگ جي تعريف ڪئي پئي وڃي، ان موقعي تي فياض حسين ڏاوچ، ايڊووڪيٽ فهد ڏاوچ، فياض خاصخيلي، اميربخش چانڊيو، زبير احمد ميمڻ، عمران چنه، زاهد چانڊيو، خالد سيال، شعبان شاهاڻي، منور سولنگي، عمران ملاح، شاهجهان ڏاوچ، عبدالغني ڏاوچ، راجه سولنگي ۽ ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي، تنظيم پاران دادو پريس ڪلب جي آيل نون عهديدارن کي اجرڪ، ٽوپيون ۽ گلن جا هار پارايا ويا.

وارهه ۾ جي يو آءِ جو اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارهه اليڪشن ۾ مبينا ٿيل ڌانڌلي خلاف علامه راشد محمود سومرو جي حڪم تي جي يو آءِ اڳواڻ عبدالحڪيم ٻگهيي جي يو آءِ جي امير مولانا عبدالهادي ٽونيو، امير سٽي وارهه مولانا عبدالحميد چنو مولانا عبدالرزاق ٽونيو مفتي پير نجي الله، حافظ عبدالشڪور پيچوهو مولانا اسدالله ٽونيو ۽ مولانا عبدالقيوم ٽونيو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي شهيد فاضل راهو چونڪ تي ڌرڻو هڻي مظاهرو ڪيو ويو ڌرڻي ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن ۽ سماجي اڳواڻ انسانيت سوشل ويلفيئر جي باني نياز حيدري پڻ شموليت ڪئي ان موقعي سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي.

سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار ڪي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com